روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) اربع 14 ڊسمبر 2022ع بمطابق 19 جمادي الاول 1444ھ (قيمت 10 رپيا) شمارو 201

نيب ترميمن جو فائدو رڳو ترميم ڪندڙن کي ٿيو: چيف جسٽس

نيب قانون جي غلط استعمال سان ڪيترين ماڻهن جو ڪاروبار تباهه ٿي چڪو آهي، نيب ترميمن مان فائدو رڳو انهن کي ٿيو آهي

جيڪڏهن ايگزيڪيوٽو پنهنجو ڪم نه ڪري ته ماڻهو عدالتن ۾ اچن ٿا، نيب ترميمون هن اسيمبلي ڪيون جيڪي مڪمل ناهن: جسٽس عمر عطا بنديال

ان نقطي تي ڪو قانون ناهي ته نامڪمل اسيمبلي قانونسازي ڪري سگهي ٿي يا نه، اڌ کان وڌيڪ اسيمبلي سياسي حڪمت عملي سبب بائيڪاٽ ڪئي آهي

نيب ترميمن مان فائدو رڳو انهن کي ٿيو آهي، سموري سياسي پارٽي چند ماڻهن جي ڏنل لائين تي هلي رهي آهي: جسٽس اعجاز الاحسن جا رمارڪس

لائين تي هلڻ جو فائدو ڪجهه ماڻهن کي ٿي پهچندو آهي، اصل ۾ جن کي فائدو ٿيو، عدليه کي ڏسڻ گهرجي؟ اهڙي حالت ۾ هٿ بند ٿيل تماشو؟

اسلام آباد (م د) چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس عمر عطا بنديال چيو آهي ته نيب قانون جي غلط استعمال سان ڪيترين ماڻهن جو ڪاروبار تباهه ٿي چڪو آهي. جڏهن ته نيب ترميمن مان فائدو رڳو انهن کي ٿيو آهي. سپريم ڪورٽ ۾ نيب ترميمن خلاف عمران خان جي درخواست جي ٻڌڻي ٿي، جنهن ۾ چيئرمين پي ٽي آءِ جي وڪيل خواجا حارث دليل ڏيندي چيو ته جيڪڏهن ايگزيڪيوٽو پنهنجو ڪم نه ڪري ته ماڻهو عدالتن ۾ اچن ٿا. ٻڌڻي دوران جسٽس عمر عطا بنديال چيو ته نيب ترميمون هن اسيمبلي ڪيون جيڪي مڪمل ناهن. ان نقطي تي ڪو قانون ناهي ته نامڪمل اسيمبلي قانونسازي ڪري سگهي ٿي يا نه. اڌ کان وڌيڪ اسيمبلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

سکر کان ڪراچي تائين جنگي بنيادن تي موٽروي ٺاهڻ جو اعلان

وزيراعظم حيدرآباد لاءِ 2 ارب رپين جي ترقياتي پيڪيج جو اعلان به ڪيو، هڪ ارب وفاقي حڪومت ۽ هڪ ارب سنڌ حڪومت ادا ڪندي: شهباز شريف

ٻوڏ متاثرن جي مدد جي سخت ضرورت آهي ۽ ايندڙ هفتي کان پيهر متاثر علائقن جو دورو ڪندس، سنڌ حڪومت پرائيويٽ پبلڪ پارٽنرشپ هيٺ ڪافي منصوبا شروع ڪيا آهن

وفاقي حڪومت به هن ماڊل کي فالو ڪندي، 30 مهينن ۾ سکر حيدرآباد موٽروي جيڪو 306 ڪلوميٽر ڊگهو آهي، اهو مڪمل ڪيو ويندو

3 ڪرب 7 ارب رپين جي لاڳت واري منصوبي جي افتتاحي تقريب سکر ۾ ٿي پر هو ڪجهه دير ۾ حيدرآباد به پهچندو، ان کان اڳ افتتاحي تقريب 9 ڊسمبر تي ٿيڻي هئي

جيڪا وزيراعظم جي ٻين مصروفيتن سبب ملتوي ڪئي وئي هئي، تقريب ۾ پشاور کان شروع ٿيندڙ موٽروي منصوبي جي آخري لنڪ جي تعمير جو پيڙهه جو پٿر رکيو ويندو

ايم 6 موٽروي جي افتتاحي تقريب سول ايوي ايشن آڊيٽوريم حيدرآباد ۾ ٿيندي جڏهن ته سنگ بنياد رکڻ واري تقريب آءِ بي اي يونيورسٽي سکر ۾ ٿيندي

سکر (نمائندن وٽان) سکر کان حيدرآباد تائين موٽروي جو اڄ وزيراعظم ميان شهباز شريف پيڙهه جو پٿر رکي ڇڏيو ۽ حيدرآباد کان ڪراچي تائين نئون موٽروي ٺاهڻ جو اعلان ڪيو آهي. وزيراعظم حيدرآباد لاءِ 2 ارب رپين جي ترقياتي پيڪيج جو اعلان به ڪيو، هڪ ارب وفاقي حڪومت ۽ هڪ ارب سنڌ حڪومت ادا ڪندي. سيوهڻ تائين ڊبل هاءِ وي مڪمل ڪرڻ ۽ سيوهڻ باءِ پاس بابت احسن اقبال، مولانا اسد الرحمان ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

سکر: وزيراعظم سکر ۽ حيدرآباد ايم 6 موٽروي جو سنگ بنياد رکڻ کان پوءِ دعا گهرندي

نواز شريف جي ڏيهه واپسي لاءِ قانوني معاملن تي غور

وزيراعظم جي حفاظتي ضمانت لاءِ اسلام آباد هاءِڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪئي ويندي

سينيئر اڳواڻن پارٽي قائد نواز شريف کي لاهور بدران اسلام آباد لينڊ ڪرڻ جي صلاح ڏني آهي

لاهور (م د) مسلم ليگ ن جي قائد ميان نواز شريف جي ڏيهه واپسي جو امڪان چٽو ٿيندو پيو وڃي. ذريعن جو چوڻ آهي ته ٻهراڙين مرحلي ۾ وزيراعظم نواز شريف جي حفاظتي ضمانت لاءِ اسلام آباد هاءِڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪئي ويندي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

وزيراعظم، آرمي چيف ۽ ججن کي مليل تحفن جو رڪارڊ طلب

ججن ۽ بيوروڪريٽس سميت سمورن ماڻهن کي ڏنل تحفن جو رڪارڊ پيش ڪيو وڃي: نور عالم خان

چيف جسٽس، ايم اين ايز، سينيٽرن، وڏن وزيرن ۽ گورنرن کي مليل تحفن جو رڪارڊ به طلب ڪيو ويو آهي

اسلام آباد (م د) پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي وزيراعظم، فوجي سربراهن ۽ ججن کي مليل تحفن جو رڪارڊ طلب ڪري ورتو آهي. چيئرمين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اسلام آباد: بي اين پي سربراهه سردار اختر مينگل منعقد ٿيل سيمينار کي خطاب ڪندي

سمورا اختيار مرڪزوٽ هوندا، صوبائي وڏن وزيرن وٽ هٿ ۾ رڳو ڏرتي بچي آهي: اختر مينگل

ريڪوڊڪ بابت قانونسازي تي حڪومتي اتحادين جا خدشا اڃا تائين برقرار آهن، سمورا اختيار، ٽيڪس، منرلز ۽ مائننگ مرڪز وٽ هوندا

سنڌ اسيمبلي جو ٺهراءُ ارڙهين ترميم جي خلاف، هي ريڪوڊڪ جو نه بلوچستان کي هڙپ ڪرڻ جو معاملو آهي

جي يو آءِ ۽ سمورن ميمبرن ان قانوسازي جي مخالفت ڪئي، ريڪوڊڪ قانونسازي کانپوءِ پارٽي جو اجلاس سڏايو آهي

اسلام آباد (م د) ريڪوڊڪ بابت قانونسازي تي حڪومتي اتحادين جا خدشا اڃا تائين برقرار آهن. ان حوالي سان بي اين پي سربراهه سردار اختر مينگل چيو آهي ته سمورا اختيار، ٽيڪس، منرلز ۽ مائننگ مرڪزوٽ هوندا. صوبائي وڏي وزير وٽ هٿ ۾ رڳو ڏرتي وڃي بچي آهي. هن چيو ته ريڪوڊڪ تي قانونسازي جا مخالف آهيون. سنڌ اسيمبلي جو ٺهراءُ ارڙهين ترميم جي خلاف. هي ريڪوڊڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ٻن اتحادي پارٽين وفاقي ڪابينا اجلاس جو بائيڪاٽ ڪري ڇڏيو

بي اين پي مينگل ۽ جي يو آءِ جي وزيرن ڪابينا اجلاس ۾ شريڪ ٿيا ۽ احتجاج رڪارڊ ڪرايو

ٻنهي پارٽين جا وزير احتجاج رڪارڊ ڪرائڻ کانپوءِ اجلاس مان اٿي هليا ويا: ذريعا

اسلام آباد (م د) حڪومت جي ٻن اتحادي پارٽين وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينا جي اجلاس جو بائيڪاٽ ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

سکر: پ پ جو مرڪزي اڳواڻ سيد خورشيد احمد شاهه نيب عدالت ۾ پيشيءَ لاءِ ايندي

پارٽي ڪوهيڙي جو پاڪستان ڏانهن رخ، معاملو سارڪ اجلاس ۾ اٿارڻ جو فيصلو

پارٽي ڪوهيڙو پاڪستان منتقل ٿيڻ تي پنجاب حڪومت ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي، ڪوهيڙي سبب لاهور شهر دنيا جو پهريون نمبر گدلو شهر شمار ٿيندو آهي

ماحوليات کاتي پنجاب پرڏيهي کاتي کي ان بابت آگاهه ڪيو آهي، پارٽي پنجاب مان ڪوهيڙو پاڪستان ۾ منتقل ٿيڻ سان لاهور جي عوام کي ڏکيائي ٿيندي آهي

پرڏيهي کاتو پاڪستان پاران هي مسئلو سارڪ ملڪن جي تنظيم اٿارڻ گهرجي، وڌندڙ ڪوهيڙو جي حل لاءِ ماحوليات کاتو قدم کڻي رهيو آهي: موسميات کاتو

لاهور (م د) پنجاب حڪومت پارٽي ڪوهيڙي جي پاڪستان منتقلي جي معاملي کي سارڪ جي اجلاس ۾ اٿارڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ميڊيا رپورٽس موجب پارٽي ڪوهيڙو پاڪستان منتقل ٿيڻ تي پنجاب حڪومت ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

حيدرآباد سکر موٽروي عمران خان جي حڪومت ۾ منظور ٿي چڪو هو: اسد عمر

8 مهينا وڃائڻ کان پوءِ امپورٽڊ حڪومت حيدرآباد سکر موٽروي تي ڪم شروع ڪري رهي آهي: پي ٽي آءِ اڳواڻ

سنڌ جي عوام کي حيدرآباد سکر موٽروي مبارڪ هجي اهو منصوبو عمران خان جي حڪومت ۾ حتمي طور تي منظور ٿي چڪو هو

ٺيڪيدار جي چونڊ به ٿي چڪي هئي، هاڻ 8 مهينا برباد ڪرڻ کان پوءِ امپورٽڊ حڪومت ڪم شروع ڪري رهي آهي

اسلام آباد (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ ۽ اڳوڻي وفاقي وزير اسد عمر چيو آهي ته 8 مهينا وڃائڻ کان پوءِ امپورٽڊ حڪومت حيدرآباد سکر موٽروي تي ڪم شروع ڪري رهي آهي. اهو منصوبو عمران خان جي حڪومت ۾ منظور ٿي چڪو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

نيويارڪ: پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري جي آمريڪا پهچڻ تي آجيان ڪئي پئي وڃي

سنڌ اسيمبلي ۾ ڪارونجهر جي کوٽائي جو پڙاڏو، بجلي ۽ گئس جي کوٽ جو به آواز اٿاريو ويو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ اسيمبلي ۾ ڪارونجهر جي کوٽائي جو پڙاڏو، بجلي ۽ گئس جي کوٽ جو به آواز اٿاريو ويو. سنڌ سرڪار ڪارونجهر جبل جي کوٽائي بند هجڻ جي تصديق ڪندي چيو آهي ته عوام جي خدشن تي جوڙيل وزارتي ڪميٽي رپورٽ ڪابينا ۾ جمع ڪرائيندي. سنڌ اسيمبلي جو اجلاس اسپيڪر آغا سراج دراني جي صدارت ۾ ٿيو. مائنز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي جي لياري واري علائقي ۾ گئس ۽ بجلي جو وڏو بحران آهي: عبدالرشيد

منهنجي گهر ۾ ڏيڍ سال کان گئس ناهي، گئس سلينڊر استعمال ڪري رهيو آهيان

گئس جي لائينن ۾ گٽر جو پاڻي نڪري رهيو آهي، گئس معاملي تي وڏيون دانهون ڪيون

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) جماعت اسلامي جي ايم پي اي عبدالرشيد ايوان ۾ گئس ۽ بجلي جي بحران معاملو اٿاريندي چيو ته ڪراچي جي لياري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري مڇر ڪالوني جو دورو ڪيو

مڇر ڪالوني جي دوري دوران گهيري جماعت جي اڳواڻن پاران سنڌ جي گورنر جو استقبال ڪيو

سنڌ جي گورنر مقامي رهواسين سان ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ دڪاندارن کان مسئلا معلوم ڪيا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري مڇر ڪالوني جو دورو ڪيو ان موقعي تي ايڊمنسٽريٽر ڪراچي ڊاڪٽر سيف الرحمان پڻ موجود هو. مڇر ڪالوني جي دوري دوران گهيري جماعت جي اڳواڻن پاران سنڌ جي گورنر جو استقبال ڪيو ۽ جماعت جي صدر حاجي عبدالڪريم اجرڪ جو تحفو ڏنو. سنڌ جي گورنر مقامي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪراچي: سنڌ جو گورنر ڪامران خان ٽيسوري مڇر ڪالوني جي دوري دوران هوٽل تي چانهه پيئندي

عمران ذهني مريض آهي، سنڌس علاج لاءِ جڙي ٻوٽين جو فصل پوکيو وڃي: منظور وسان

ملڪ ۾ ذهني مريضن جو انگ وڌندو پيو وڃي، اهي جڙي ٻوٽيون حڪيمن کي رڪرڪنداسين ته جيئن عمران خان جهڙا ذهني مريض دوا پي هڪ کان ڇهن مهينن اندر ٺيڪ ٿي وڃن

عمران خان اقتدار وڃائڻ کانپوءِ ذهني مريض ٿي چڪو آهي، انڪري جڙي ٻوٽين جي فصل سان اڳتي وڌو ڪم ورتو ويندو جو جوان جي استعمال سان مريضن جو انگ گهٽجي ويندو

مون کي ملڪ ۾ عام چونڊون مئي ۽ جون جي وچ ۾ ٿيندي نظر اچي رهيون آهن، ملڪ ۾ عام چونڊون پي ڊي ايم جي راضپي سان ٿينديون: پ پ اڳواڻ

ڪراچي (م د) پيپلزپارٽي اڳواڻ ۽ زراعت بابت صلاحڪار منظور وسان سنڌ جي آبادگارن کي عمران خان بابت مشورو ڏيندي چيو آهي ته آبادگار جڙي ٻوٽين جو فصل پوکين ته جيئن عمران خان جهڙي ذهني مريض جو علاج ٿي سگهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

اين آر او ٽو مان فائدو وٺندڙ سليمان شهباز به اڄ ڳالهائي پيو: عمر سرفراز چيمه

اربين رپين جي ڪرپشن ڪندڙن کي جيل ۾ هجڻ گهرجي پر ڪرپٽ ٽولو قوم کي پروٽوڪول ڏئي رهيو آهي

سرٽيفائيڊ ڦورو ملڪ مٿان قابض ٿي ويا آهن. شريف فيملي معاشري ۾ ڪرپشن ۽ مني لانڊرنگ جا رڪارڊ قائم ڪيا

شريف خاندان ايون فيلڊ ريفرنس جي اربين رپين جي اثاثن جا ثبوت اڄ تائين جمع ناهي ڪرائي سگهيو

لاهور (م د) پنجاب جي گهرو صلاحڪار عمر سرفراز چيمه وزيراعظم جي پٽ سليمان شهباز جي بيان تي رد عمل ڏيندي چيو آهي ته اين آر او 2 مان فائدو حاصل ڪندڙ سليمان شهباز به اڄ ڳالهائي رهيو آهي. عمر سرفراز چيمه وڌيڪ چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

خورشيد شاهه کي لنڊن مان علاج ڪرائڻ جي اجازت

سکر (رپورٽر) سکر جي احتساب عدالت وفاقي وزير خورشيد شاهه کي علاج ڪرائڻ لاءِ لنڊن وڃڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

پي ٽي آءِ جي رابعه اظفر نظامي جو گهريلو تشدد روڪڻ ۽ تحفظ ترميمي بل ايوان ۾ پيش ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) پي ٽي آءِ جي رابعه اظفر نظامي جو گهريلو تشدد روڪڻ ۽ تحفظ ترميمي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

اسلام آباد: وفاقي وزير رانا تنوير سان برطانوي وفد ملاقات ڪندي

ڪراچي: اسڪولن ۽ ڪاليجن جي شاگردن جا جاوا، اهم اعلان

موڪلن جو تعليم کاتي نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي

22 کان 31 ڊسمبر تائين تعليمي ادارا بند رهندا: تعليمي ذريعا

ڪراچي (م د) سنڌ جي تعليم کاتي سڄي صوبي ۾ سمورن تعليمي ادارن ۾ موڪلن جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي. ڪجهه ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڊاڪٽرن لاءِ خوشخبري، حڪومت وڏو فيصلو ڪري ورتو

اهو فيصلو صحت کاتي جي وزير ڊاڪٽر ياسمين راشد جي صدارت هيٺ ٿيڻ واري اجلاس ۾ ڪيو ويو

2 هزار ڊاڪٽر ۽ نرسز ڀرتي ڪرڻ لاءِ ريڪروزيشن پنجاب پبلڪ سروس ڪميشن کي ڏني وئي آهي

لاهور (م د) پنجاب حڪومت صوبي ۾ وڌيڪ 2 هزار ڊاڪٽرز ۽ نرسز ڀرتي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. رپورٽ موجب اهو فيصلو صحت کاتي جي وزير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

اڳوڻي صوبائي وزير جي گهر تي پيهر دستي بم حملو

دستي بم ڦاٽڻ سان ڪو به جاني نقصان ناهي ٿيو، افغانستان جي موبائيل نمبرتان ڀتي جون ڪالز اچي رهيون آهن

ٻه ڏينهن اڳ به گهر جي ڇت تي جوابدارن دستي بم اڇلائي فرار ٿي ويا هئا: حاجي جاويد جو پٽ حسين جاويد

پشاور (م د) پشاور جي علائقي گلبهار ۾ اڳوڻي صوبائي وزير حاجي جاويد جي گهر تي پيهر دستي بم حملو ٿيو آهي. ايس پي سٽي عبدالسلام موجب دستي بم ڦاٽڻ سان ڪو به جاني نقصان ناهي ٿيو حاجي جاويد جي پٽ حسين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

عمران خان ملڪ جو مڃيل سياسي اڳواڻ آهي: پرويز الاهي

اسان عمران خان جو ساٿ ڏنو، ڏئي رهيا آهيون ۽ اڳتي به ڏيندا رهنداسين، پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان پاڪستان جو مشهور اڳواڻ آهي

اسان سنڌس ساٿ ڏنو، ڏئي رهيا آهيون ۽ اڳتي به ڏيندا رهنداسين، مان ڪنهن به هڪ ماڻهو جي بجاءِ سموري ٽيم کي گڏ کڻي هلندو آهيان

اسان جي سياست جو مقصد عام ماڻهو جي حالتن ۾ بهتري آڻڻ آهي، هميشه غريب ماڻهو کي رليف ڏيڻ جي لاءِ سچي نيت سان ڪم ڪيو آهي

لاهور (م د) پنجاب جي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي چيو آهي ته اسان عمران خان جو ساٿ ڏنو، ڏئي رهيا آهيون ۽ اڳتي به ڏيندا رهنداسين. رپورٽ موجب چوڌري پرويز الاهي سان صوبائي وزير محمد لطيف نذر ملاقات ڪئي جنهن ۾ صوبي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

عمران خان ڪي پي ڪي جو سرڪاري هيلي ڪاپٽر رڪشا ٽيڪسي جيان استعمال ڪيو: شرجيل انعام ميمڻ

ڪي پي ڪي اسيمبلي قانون ۾ جيترين به تبديليون آڻي، پر خان صاحب قانون جي پڪڙ کان بچي نٿو سگهي: صوبائي وزير

عمران خان کي بچائڻ لاءِ ڪي پي ڪي اسيمبلي 2008 کان سرڪاري هيلي ڪاپٽر جي خانگي استعمال کي جائز قرار ڏنو آهي

ڪي پي ڪي ۾ سينيئر سياستدانن، ايم اين ايز ۽ ڪاروباري برادري کي ڌمڪيون ملي رهيون آهن: ميڊيا سان ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ڪي پي ڪي اسيمبلي عمران خان کي بچائڻ لاءِ جيترين به ترميمون ڪري، خان صاحب قانون جي پڪڙ کان بچي نٿو سگهي. پنهنجي هڪ بيان ۾ هن چيو ته عمران خان ڪي پي ڪي جو سرڪاري هيلي ڪاپٽر رڪشا ٽيڪسي وانگر استعمال ڪيو عمران خان جي غيرقانوني سرگرمين کي تحفظ ڏيڻ لاءِ ڪي پي ڪي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

شوڪت عزيز صديقي جي پنهنجي ڪيس جي جلد ٻڌڻي لاءِ سپريم ڪورٽ ۾ درخواست

اسلام آباد (م د) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي اڳوڻي جج شوڪت عزيز صديقي پنهنجي ڪيس جي جلد ٻڌڻي لاءِ سپريم ڪورٽ ۾ درخواست/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

گورنر هاڻي يونيورسٽي جو چانسلر نه هوندو، اسيمبلي بل منظور ڪري ورتو

ڪيرالا (م د) گورنر هاڻي يونيورسٽيءَ جو چانسلر نه هوندو اسيمبلي بل منظور ڪري ورتو پارٽي رياست ڪيرالا جي اسيمبلي / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

اسيمبليون ٽوڙڻ جو اعلان 20 ڊسمبر کان اڳ ڪري ڇڏينداسين: عمران خان

اسيمبليون ٽوڙڻ جي معاملي تي (ق) ليگ ۽ پي ٽي آءِ هڪ پيج تي آهن، 20 ڊسمبر کان اڳ اسيمبليون ٽوڙڻ جي تاريخ جو اعلان ڪنداسين

ٻنهي ڊويزنن سان تعلق رکندڙ ايم پي ايز اسيمبليون ٽوڙڻ جي فيصلي جي توثيق ڪري ڇڏي، هن مهيني اسيمبليون ٽوڙيون وينديون

(ق) ليگ اسيمبليون ٽوڙڻ جي معاملي تي هڪ پيج تي آهي، (ق) ليگ اهم اتحادي آهي انهن کي پنهنجي فيصلي کان آگاهه ڪري ڇڏيو آهي

لاهور (م د) پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان چيو آهي ته اسيمبليون ٽوڙڻ جي معاملي تي (ق) ليگ ۽ پي ٽي آءِ هڪ پيج تي آهن. 20 ڊسمبر کان اڳ اسيمبليون ٽوڙڻ جي تاريخ جو اعلان ڪنداسين. رپورٽ موجب تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان جي صدارت هيٺ ساهيوال، سرگودها ڊويزن ۽ ميانوالي اسيمبلي ميمبرن جو اجلاس منعقد ٿيو ٻنهي ڊويزنن سان تعلق رکندڙ ايم پي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري سان ڪي اليڪٽرڪ جي سي اي او مونس عبدالله علوي ملاقات ڪئي

ملاقات ۾ شهرين کي بجلي جي مسلسل فراهمي، ان حوالي سان درپيش مشڪلاتن، بجلي جي پيداوار لاءِ کنيل قدمن ۽ ٻين معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

ڪي اليڪٽرڪ بجلي جي مسلسل فراهمي جي يقيني بڻائي، شهر جي مختلف علائقن ۾ اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ جون شڪايتون ختم ڪيون وڃن: سنڌ جو گورنر

ترسيل نظام جي بهتري لاءِ وڌيڪ قدم کنيا وڃن، سياري جي موسم ۾ بجلي جي لوڊشيڊنگ هڪ سواليه نشان آهي، وڌيڪ بل موڪلڻ واري شڪايتن جو به ازالو ڪيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري سان ڪي اليڪٽرڪ جي سي اي او مونس عبدالله علوي گورنر هائوس ۾ ملاقات ڪئي، ملاقات ۾ شهرين کي بجلي جي مسلسل فراهمي، ان حوالي سان درپيش مشڪلاتن، بجلي جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

پاڪستان ۾ دهشتگردي کي ڀارت جي حمايت حاصل آهي: گهرو وزير

لڳي ٿو ڀارت پاڪستان ۾ دهشتگرد ڪاروائين ۾ ملوث آهي، ڪلڀوشن ياديو جو بيان ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته پاڪستان ۾ دهشتگردي ۾ ڀارت جو هٿ آهي: رانا ثناءالله

اسان کي ڀارت جو مڪرو چهرو دنيا آڏو بي نقاب ڪرڻو آهي، ڀارت دنيا جي سامهون بيگناهه بڻائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، ڀارت پنهنجا ظلم لڪائڻ لاءِ والاريل ڪشمير ۾ بدترين ظلم ڪري رهيو آهي

ڀارت ظلم جو جواز پيدا ڪرڻ لاءِ نوان بهانا ناهي ٿو، ڪلڀوشن جو ڪيس دهشتگردي جو ثبوت آهي، ڪلڀوشن ڪيس ۾ ثبوتن جي ضرورت ناهي: وفاقي گهرو وزير

اسلام آباد (م د) گهرو وزير رانا ثناءالله چيو آهي ته لڳي ٿو ڀارت پاڪستان ۾ دهشتگرد ڪاروائين ۾ ملوث آهي. پاڪستان ۾ دهشتگردي کي ڀارت جي حمايت حاصل آهي اسلام آباد ۾ گهرو وزير رانا ثناءالله ۽ ايڊيشنل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

اسلام آباد: گهرو وزير رانا ثناءالله پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

جرمني جي سفير جي آصف ڀٽو زرداري سان ملاقات

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) پاڪستان ۾ جرمني جي سفير الفريڊ گرنيس جي پ پ اڳواڻ بي بي آصف ڀٽو زرداري سان ملاقات بلاول هائوس ڪراچي ۾ ڪئي ملاقات ۾ پاڪستان ۾ پوليو خلاف مهم ۽ ان سلسلي ۾ جرمني جي تعاون سميت گڏيل دلچسپي جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. آصف ڀٽو زرداري ٻوڏ متاثرن لاءِ جرمن حڪومت ۽ عوام جي تعاون کي ساراهيو. آصف ڀٽو زرداري جرمني پاران پاڪستان جي غيرمعمولي برساتن ۽ تباهي واري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ايشيائي ترقياتي بئنڪ جو پنجاب کي 10 ڪروڙ ڊالر قرض ڏيڻ جو اعلان

ايشيائي ترقياتي بئنڪ (اي ڊي بي) پنجاب ٽيڪنيڪي ۽ پيشيوراڻي تعليم ۽ تربيت (ٽي وي اي ٽي) کي بهتر بڻائڻ ۾ مدد لاءِ 10 ڪروڙ ڊالر قرض جي منظوري ڏئي ڇڏي

پنجاب ۾ افرادي طاقت کي وڌائڻ ۽ گريجوئيٽس کي روزگار فراهم ڪرڻ، ادارن ۾ انتظامي ۽ اسٽريٽجڪ منصوبابندي کي بهتر بڻائڻ لاءِ اهو قرض استعمال ڪيو ويندو

اسلام آباد (م د) ايشيائي ترقياتي بئنڪ (اي ڊي بي) پنجاب ٽيڪنيڪي ۽ پيشيوراڻي تعليم ۽ تربيت (ٽي وي اي ٽي) کي بهتر بڻائڻ ۾ مدد لاءِ 10 ڪروڙ ڊالر قرض جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي پڌرائي موجب اي ڊي بي پنجاب ۾ ٽيڪنيڪل اينڊ ووڪيشنل ايجوڪيشن کي بهتر بڻائڻ لاءِ 10 ڪروڙ ڊالر جي قرض جي منظوري ڏني آهي. پڌرائي موجب پنجاب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

عمران خان اسيمبليون ٽوڙڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي هاڻي پوئتي نه هٽبو: فواد چوڌري

اسحاق ڊار کان پڇي ته سنڌن کهڙو پلان آهي، صدر کي اسان چيو هو ته اسحاق ڊار کان پڇاڻو ڪري ته ست مهينن اندر ملڪ جو حشر نشر ٿي ويو آهي

چونڊن کانسواءِ سياسي استحڪام نه ايندو، عمران خان جلسي ۾ اسيمبليون ٽوڙڻ جو اعلان ڪيو ان کان پوئتي نٿا هٽي سگهون

ويهه مارچ 2023ع تائين ڪي پي ۽ پنجاب ۾ نيون حڪومتون چاهيون ٿا، ٻنهي صوبن ۾ نيئن حڪومتن جي اچڻ سان اتي سياسي استحڪام ايندو

لاهور (رپورٽر) پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري چيو آهي ته صدر عارف علوي کي چيو آهي ته اسحاق ڊار کان پڇي ته سنڌن کهڙو پلان آهي. فواد چوڌري پنهنجي هڪ بيان ۾ چيو آهي ته صدر کي اسان چيو هو ته اسحاق ڊار کان پڇاڻو ڪري ته ست مهينن اندر ملڪ جو حشر نشر ٿي ويو آهي انهن وٽ ڪهڙو پلان آهي؟ سنڌس چوڻ هو ته صدر ڪين چيو ته چونڊون نٿا ڪرائين ته اوهان حل ٻڌايو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

اسلام آباد: صدر عارف علوي اجلاس جي صدارت ڪندي

سنڌ هاءِڪورٽ جي جسٽس ڪي ڪي آغا تي ٻڌل ٻه رڪني بينچ سانحي بلديا ٽائون جي جوابدارن جي سزاجي خلاف اپيلين جي ٻڌڻي ٿي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِڪورٽ جي جسٽس ڪي ڪي آغا تي ٻڌل ٻه رڪني بينچ سانحي بلديا ٽائون جي جوابدارن جي سزاجي خلاف اپيلين جي ٻڌڻي ٿي. جڏهن سنڌ حڪومت جي ايڪيوايم جي رئوف صديقي سميت ٻين جي بريت جي خلاف ڪيس ۾ عدالت رئوف صديقي سميت ٻين ٻري ايڊميشن نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا آهي. عدالت پنهنجي رمارڪس ۾ چيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

غوٿپور جي هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ شاگردن جي ذهانت جي مقابلي جي حوالي سان تقريب

تقريب جو خاص مهمان ضلعي ڪشمور جو ڊپٽي ڪمشنر منور علي مٺياڻي هيو، اڳواڻ شريڪ

اسحاق ادراڻي ،عبدالغفار سومرو استاد عزيز الله مهر خان محمد استاد شمس الدين پنهوار ڪوٺايو ويو

اسڪول ۾ تفريحي ۽ سماجي ائڪٽوٽي هجڻ ڪپي ۽ ان ڳالهه جو ٻارن جي سوچ تي مثبت اثر پوي ٿو:ڊي سي

غوٺپور (عبدالنبي ملڪ) غوٺپورغوٺپور جي هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ شاگردن جي ذهانت جي مقابلي جي حوالي سان تقريب ڪرائي وئي تقريب جو خاص مهمان ضلعي ڪشمور جو ڊپٽي ڪمشنر منور علي مٺياڻي ۽ تعليم کاتي ڪشمور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

غوٺپور: شاگردن جي ذهانت جي مقابلي جي حوالي سان منعقد تقريب ۾ اڳواڻ شريڪ آهن

نئون ڪوٽ ٽريفڪ پوليس ۽ انتظاميه جي مجرماڻي غفلت سبب شهري پريشان

نئون ڪوٽ(رپورٽر) نئون ڪوٽ ٽريفڪ پوليس ۽ انتظاميه جي مجرماڻي غفلت سبب گذريل 20 سالن کان ڀرو بازار چونڪ شهرين ۽ مسافرن لاءِ عذاب جو سبب بڻيل آهي حادثن جو سبب بڻجندڙ چنگچي رڪشا ۽ ناجائز قبضا مافيا طرفان وڌايل حد دخليون انڪروچمينٽ مک سبب آهن ڪوچن ۽ ننڍين وڏين گاڏين جا اڏا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

پورهيت نوجوان ڪم ڪرڻ دوران ٽريڪٽر جي هيٺان اچي فوت ٿي ويو

30 سالن جو نوجوان پورهيت الطاف حسين پٽ محمود چانڊيو فوت ٿي ويو

فوتي ٻن ٻارن جو پيءُ هو، لاش گهر پهچڻ تي وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو

بدين (رپورٽ:مرتضيٰ ميمڻ) پورهيت نوجوان ڪم ڪرڻ دوران ٽريڪٽر جي هيٺان اچي فوت ٿي ويو تفصيل موجب ڪڍڻ لڳ ڳوٺ جمع پنگرو جو رهواسي 30 سالن جو نوجوان پورهيت الطاف حسين پٽ محمود چانڊيو ۾ واري ڳوٺ پوڙهوخان جمالي ۾ نائچ برادري جي ٽريڪٽر ٽرالي تي مزدوري سانگي مٽي ڀرائي جو ڪم ڪري رهيو ته ڪم هلندي هو هلندڙ ٽريڪٽر تان هيٺ ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

النور ايم ڊي ايف بورڊ فيڪٽري انتظاميا جي غفلت سبب گئس سلينڊر ڦاٽي پيو، 2 مزدور زخمي

لاپرواهي سبب 2 مزدور سخت زخمي، هڪ جي حالت گنڀير ٿي جوڳي، نوابشاهه اسپتال منتقل ڪيو ويو

جسقم اڳواڻن گل ڏاهري، ظفر ٻگهيو، صحافي منٺار ڏاهري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

فيڪٽري انتظاميا جي لاپرواهي خلاف قانوني ڪارروائي ڪري مزدورن کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي :اڳواڻ

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) شاهپور جهانيان النور ايم ڊي ايف بورڊ فيڪٽري انتظاميا جي غفلت سبب گئس سلينڊر ڦاٽي پيو، فيڪٽري انتظاميا جي لاپرواهي سبب 2 مزدور سخت زخمي، هڪ جي حالت گنڀير ٿي جوڳي، نوابشاهه اسپتال منتقل تفصيل موجب شاهپور جهانيان پرسان النور ايم ڊي انتظاميا جي لاپرواهي ۽ غفلت سبب بورڊ فيڪٽري اندر گئس سلينڊر ڦاٽي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهرو فيروز: شاهپور جهانيان جي النور فيڪٽري جو ملازم ميڊيا سان ڳالهائيندي

پوري ملڪ ۾ انساني حقن جي حوالي حالات حوصلا افزاءِ آهن: آغا روز امان

نئون ڪوٽ (رپورٽر) نئون ڪوٽ پاڪستان انٽر نيشنل هيومن رائيٽ آرگنائيزيشن جي ضلعي صدر آغا روز امان مرغزاني مطالعاتي دوري جي سلسلي نئون ڪوٽ جي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته پوري ملڪ ۾ انساني حقن جي حوالي حالات حوصلا افزاءِ آهن چائلڊ ليبر جي حوالي سان قانون ته موجود آهي پر قانون پاڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

دادو ۾ اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ 6 سالن جي نينگر سان زيادتي جي ڪوشش

شهباز ڪالوني جي رهواسي 6 سالا حسن سولنگي سان وحشي پاران زيادتي جي ڪوشش

ميڊيا تي خبر نشر ٿيڻ بعد آءِ جي سنڌ نوٽيس وٺي ڇڏيو، ايس ايس پي کان رپورٽ طلب

اي ايس آئي عمرالدين سولنگي جي فرياد تي گناهه نمبر 2022/321 قلم 377 تحت ڪيس داخل

دادو(ن سنڌيار) دادو ۾ اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ 6 سالن جي معصوم نينگر سان ميينا ڏاڍائي معصوم نينگر جي پيءُ جي فرياد تي اين سي داخل شهباز ڪالوني جي رهواسي 6 سالا حسن پٽ عمرالدين سولنگي سان زين لاشاري گهر جي ڇت تي ميينا طور ڏاڍائي ڪئي اي سيڪشن ٿاڻي تي نينگر جي پيءُ عمرالدين سولنگي جي فرياد تي اين سي داخل ڪئي وئي،اي سيڪشن پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نوشهروفيروز ويجهو ڳوٺ موسا خان مري مان برساتي پاڻي نيڪال ٿي نه سگهيو

ڳوٺاڻا بي يارو مددگار بڻيل انتظاميه اگهور ننڍ ستل ٻارڙن جو مستقبل به داءَ تي لڳل

اسان ڪوڙ مرتبا اعلا عملدارن کي دانهيو پر اسان جي هڪ به نه ٻڌي وئي:مظاهرين جون دانهون

اسان جي ڳوٺ موسا خان مري مان برساتي پاڻي نيڪال ڪرائي سهولتون ڏنيون وڃي: ڳالهيون

نوشهرو فيروز (ڊ ر) نوشهروفيروز ويجهو ڳوٺ موسا خان مري مان برساتي پاڻي نيڪال ٿي نه سگهيو ڳوٺاڻا بي يارو مددگار بڻيل انتظاميه اگهور ننڍ ستل ٻارڙن جو مستقبل به داءَ تي لڳل آهي ان سلسلي ۾ ڳوٺاڻن عزيزالله مري ، محمد يعقوب مري ، صدام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نوشهروفيروز: ڳوٺ موسا خان مري برساتي پاڻي نيڪال نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سڪرنڊ پرسان ڳوٺ دائود گدارو ۾ عزيز بوائز پرائمري اسڪول ۾ تعليمي سيمينار

نواب شاهه (رپورٽر) سڪرنڊ پرسان ڳوٺ دائود گدارو ۾ عزيز بوائز پرائمري اسڪول ۾ تعليمي سيمينار ٿي گذريو جنهن ۾ ڳوٺاڻن ، ٻارڙن ، سياسي سماجي ماڻهن ۽ استادن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ، سيمينار کي تعلقه ايجوڪيشن آفيسر سيد قربان علي شاهه چيو ته اسان جو مقصد ڀهراڙين ۾ نه پڙهندڙ ٻارڙن کي تعليم ڏيارڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ جيان مدينه منوره ۾ ايڪتا جي رنگا رنگ تقريب

ٽوپي اجرڪ ۽ پائي شريڪ سنڌي قومي گيتن تي شاندار جهمريون هڻندا رهيا

تقريب جو انعقاد اياز پنهيار عادل عباس ۽ فهيم اوٺو جي ميزباني هيٺ منعقد ڪئي وئي

ڌرتي ثقافت امن ڀائيچاري ۽ انسانذات توڙي پکين جانورن سان ب پيار ڪرڻ جو درس ڏنو:اڳواڻ

ٽالهروڏا (رپورٽر) سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ جيان مدينه منوره ۾ ايڪتا جي رنگا رنگ تقريب ايڪتا تقريب ۾ سنڌ جا رهواسي پنهنجي ثقافت سان محبت جو اظهار ڪندي ٽوپي اجرڪ ۽ پائي شريڪ سنڌي قومي گيتن تي شاندار جهمريون ايڪتا تقريب اياز پنهيار عادل عباس ۽ فهيم اوٺو جي ميزباني هيٺ منعقد ٿي سنڌ جي سرزمين صوفين جي آهي جن هميشه پيار امن ڀائيچاري ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

سيٺارجا پرسان ڪوٻري شاخ جو سرڪاري ڪاٺ چوري، راروغي مٽان وحشياڻو تشدد

گينگ جو سربراهه پوليس پڪٽ جو انچارج ۽ ان جو پٽ نڪتو، ايس ايس پي خيرپور نوٽيس ورتو

پوليس پڪٽ جي انچارج کي فوري طور تي معطل ڪري ڇڏيو، ٿاڻي تي 7 جوابدارن خلاف ڪيس داخل

پيروسڻ پوليس ٽن ڄڻن ميول، بادشاهه، فدا حسين شر ڄڻن کي موقعي تي گرفتار ڪري ورتو، جاچ شروع

سيٺارجا (رپورٽر) سيٺارجا پرسان علي بحر واهه مان نڪرندڙ ڪوٻري شاخ جو سرڪاري ڪاٺ چوري ڪندي گينگ گرفتار، راروغي مٽان وحشياڻو تشدد، گينگ جو سربراهه پوليس پڪٽ جو انچارج ۽ ان جو پٽ نڪتو ايس ايس پي خيرپور واقعي جو نوٽيس وٺندي پوليس پڪٽ جي انچارج کي فوري طور تي معطل ڪري ڇڏيو چوري ۽ تشدد ڪرڻ واري واقعي جو پيروسڻ ٿاڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سيٺارجا: چوري ٿيل ڪاٺ ٿاڻي تي پيل آهي، ٻئي طرف ملوث سپاهي ۽ داروغو

سپريم ڪورٽ جي حڪمن بعد عادلپور ٻيلي تي ٻيلي کاتي جي زمينن تي ڪارروائي

ميرپورماٿيلو (رپورٽر) سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي حڪمن بعد ٻيلي کاتي جي ڊويزنل فاريسٽ آفيسر ضياءالله لغاري جي هدايتن تي ٻيلي کاتي جي آفيسرن پاران عادلپور ٻيلي تي ٻيلي کاتي جي زمينن تي قابض ماڻهن کان خلاف ڪارروائي هڪ سئو ايڪڙ کان وڌيڪ ٻيلي کاتي جي زمين تي ٻوڪيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

پريس ڪلب مڪلي پاران احمد خان خٽڪ سان روح رهاڻ ڪرڻ سان گڏ مچ ڪچهري

ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ٺٽو ڊاڪٽر منير احمد جعفراڻي، سوشل ويلفيئر آفيسر شريڪ

محفوظ احمد، وڏيرو رسول بخش جاکرو، گهارو ٽائون جو ايڊمنسٽريٽر عبدالغفور هيجب جاکرو شريڪ

صحافي حسن بيگ، محمد ايوب درس، سيد امداد شاهه، محمد علي خٽڪ، نظير قريشي پيٽا پيش ڪئي

ٺٽو(رپورٽر) پريس ڪلب مڪلي پاران پريس ڪلب مڪلي جي صدر احمد خان خٽڪ سان روح رهاڻ ڪرڻ سان گڏ مچ ڪچهري پريس ڪلب مڪلي ۾ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ٺٽو ڊاڪٽر منير احمد جعفراڻي، سوشل ويلفيئر آفيسر ٺٽو خدابخش ٻهراڻي، انفارميشن آفيسر ٺٽو محفوظ احمد، وڏيرو رسول بخش جاکرو، گهارو ٽائون جو ايڊمنسٽريٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ٺاروشاهه پرسان پوليس جي ڪاروائي منشيات فروشن جو مک اڳواڻ گرفتار

منشيات فروشن جو مک جوابدار 1400 گرام چرس ۽ نقد ڪيش سميت گرفتار

منشيات فروشن کي هرگز برداشت نه ڪيو ويندو (ايس ايڇ او حنيف مهر)شهرين ۾ سرهائي

ٺاروشاهه (رپورٽ:راشد علي ميمڻ) ٺاروشاهه پرسان پوليس جي ڪاروائي منشيات فروشن جو مک جوابدار 1400 گرام چرس ۽ نقد ڪيش سميت گرفتار ڪيس داخل، ٺاروشاهه ٿاڻي جي ايس ايڇ او حنيف مهر ٻڌايو ته ٺاروشاهه پرسان گڳڙو سوري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

عادلپور پوليس پاران گشت دوران ڪاروائي، جوا کيڏندي 3 جوابدار گرفتار

جوابدارن دين محمد ڏايو،مسڪين سولنگي ۽ قربان ڪلوڙ کي پوليس گرفتار ڪيو

پوليس ڪارروائي دوران گرفتار ڪيل جوابدارن کي برآمد سامان سميت ٿاڻي تي ڪٺي آئي

عادلپور (رپورٽ اسلم مهر) عادلپور پوليس گشت دوران ڳجهي اطلاع تي ڪاروائي ڪندي، ڪلهوڙا اسٽاپ وٽان تاش تي جوا کيڏندي 03 جوارين/جوابدارن دين محمد ڏايو،مسڪين سولنگي ۽ قربان ڪلوڙ کي هڪ تاش،ٽوال، 3 عدد موبائل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

عادلپور: پوليس جي ڪاروائي دوران گرفتار جوابدار تحويلي ۾ نظر اچي رهيا آهن

2018 واريون عام چونڊون بوگس هيون ۽ حڪومت پڻ غلط هئي: امير بخش راڄپر

ملڪي معيشيت کي سڌارڻ لاءِ بلاول ڀٽو جون ڪوششون قابل تعريف آهن: پ پ اڳواڻ

عمران خان اهم ادارن خلاف زهر اوڳاڇي سياسي طور زنده رکڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيا آهن

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ ڪائونسل جي ميمبر امير بخش خان راڄپر چيو آهي ته 2018 واريون عام چونڊون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

مشهور ٺيڪيدار عبدالوحيد لنڊ جو پيٽيو دل جو دورو پوڻ سبب فوت ٿي ويو

مالڪن هوٽل جي ملازمن بورچين ۽ برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

درگاهه سچڻ سائين جي مريد ۽ طاهري جمائت جي اڳواڻ مولوي محمد بخش پاٺ پڙهائي

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) مشهور ٺيڪيدار عبدالوحيد لنڊ جو پيٽيو، ب پ اڳواڻ سردار سڪندر لنڊ جو ڀڃاٽ، ۽ ب پ ڪائونسلر منظور لنڊ جو والد مشهور هوٽل مالڪ عبدالواحد لنڊ دل جو دورو پوڻ سبب وفات ڪري ويو آهي جنهن جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

نوشهروفيروز ۾ مٺياڻي روڊ تي بيٺل ڪافي مهينن کان گندي پاڻي خلاف احتجاج

مختلف چوڪن روڊ رستن تي گندي پاڻي خلاف ايس ٽي پي تعلقه اڳواڻ اسد چانڊيو پاران ريلي

جي ڊي اي معشوق ڪورائي ۽ ٻين پاران مٺياڻي روڊ کان ڊي سي آفيس تائين احتجاج ڪيو ويو

نوشهروفيروز (رپورٽ:اسد علي عمراڻي) نوشهروفيروز ۾ مٺياڻي روڊ تي بيٺل ڪافي مهينن کان گندي پاڻي خلاف شهرين سياسي سماجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

نوشهروفيروز: مٺياڻي روڊ تي بيٺل ڪافي مهينن کان گندي پاڻي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽنڊو باگو بار ڪائونسل جي چونڊن ۾ سڪندر علي خواجه صدر چونڊجي ويو

ڪائونسل جون چونڊون سول جج بدين طارق علي ميرجت جي نگراني ۾ ٿي گذريون

نائب صدر جيوت رام لوهاڻو جنرل سيڪريٽري اشور لال، جوائنٽ سيڪريٽري چونڊيا ويا

ٽنڊو باگو (رپورٽ:سهيل سمون) ٽنڊو باگو بار ڪائونسل جي چونڊن ۾ سڪندر علي خواجه وڪيل صدر ۽ اشور لال وڪيل جنرل سيڪريٽري چونڊجي ويا. ٽنڊو باگو بار ڪائونسل جون چونڊون سول جج بدين طارق علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

وارهه هٿرادو مهانگائي خلاف عوامي شڪايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر پاران ڪارروايون

سميع الله وگڻ شهر جو دورو ڪري دڪان ٻج پاڻ سبزي ديري جي دڪانن تي ريٽ معلوم ڪيا

پڪوڙن ۾ خارج تيل استعمال ڪرڻ جانچ ڪيو ۽ ڏهي ۾ ڪيميڪل چيڪ ڪرڻ لاءِ ڊريون طلب

وارهه (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو)وارهه هٿرادو مهانگائي خلاف عوامي شڪايتن ۽ تعلقه پريس ڪلب وارهه ميڊيا رپورٽنگ بعد انتظاميه سجاڳ ٿي پئي اسسٽنٽ ڪمشنر وارهه سميع الله وگڻ طرفان شهر جو دورو مختلف دڪان ٻج پاڻ سبزي ديري شاپ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

وارهه: اسسٽنٽ ڪمشنر وارهه سميع الله ڪاڏي پيٽي جي دڪانن تي انتظامن جو جائزو وٺندي

مورو ۾ فوت ٿيل ٻارڙي جي وارثن سان ڊي سي نوشهرو فيروز ۽ ٻين پاران تعزيت

9 سالا معصوم ٻارڙي ماه نور سولنگي جي تعلقه اسپتال مورو ۾ فوتگي ٿي وئي هئي

انڪوائري ڪري ايڪشن ڪنيو ويندو ته جيئن آئينده ڪا قيمتي جان ضايع نه ٿي سگهي: عملدار

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز شاهزيب شيخ اڄ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر اسدالله ڪلهوڙي سان گڏ سول اسپتال موري ۾ فوت ٿيل ٽينگري جي وارثن وٽ پهتو هن مرحوم جي وارثن سان دلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

دادو ۾ سب جيل جوهي جو هيڊ محرر ايڇ سي علي اصغر گوپانگ لاڏاڻو ڪري ويو

جنازا نماز ۽ تدفين ۾ جوهي تعلقه جي ڊي ايس پي بشير احمد ڪونهارو شريڪ ٿيا

ايس ايس پي آفيس جي عملي ۽ گوپانگ برادري شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

دادو(ڊ ر) دادو ۾ سب جيل جوهي جو هيڊ محرر ايڇ سي علي اصغر گوپانگ ڊيوٽي دوران دل جي دوري سبب هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو آهي جنهن جي جنازي نماز اڄ شام جو پنجين بجي ٽي ايريگيشن ڪالوني جوهي ۾ ادا ڪئي وئي ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ڊي ايڇ او بدين ڊاڪٽر شير محمد نهڙيو جي هدايتن تي شادي لارج ۾ ڪارروايون

فوڪل پرسن ڊاڪٽر رسول بخش ميمڻ ڇاپا هڻي عطائي ڊاڪٽرن جون اسپتالون سيل

غير قانوني اسپتالن کي ڊي جي هيلٿ جي سخت هدايتن بعد ڪوشش ۾ آهيون: ڳالهيون

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ڊي ايڇ او بدين ڊاڪٽر شير محمد نهڙيو جي هدايتن تي شادي لارج ۾ غير قانوني اسپتالون هلائيندڙ عطائي ڊاڪٽرن خلاف سنڌس فوڪل پرسن ڊاڪٽر رسول بخش ميمڻ ڇاپا هڻي عطائي ڊاڪٽرن جون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

بدين: ڊي ايڇ او جي هدايتن بعد عطائي ڊاڪٽرن جي ڪلنڪ کي سيل ڪيو پيو وڃي

يوسي لنڊڪي جي ڳوٺ غلام نبي لاشاري جي پرائمري اسڪول کي سهولتون نه مليون

استاد ۽ بنيادي سهولتون نه ملڻ خلاف ڳوٺاڻن ۽ ننڍن اسڪولي شاگردن جو احتجاجي مظاهرو

غلام نبي لاشاري آچر لاشاري غلام رسول لاشاري شمن لاشاري علي نواز لاشاري احتجاج ڪيو

جلد کان جلد اسان جي اسڪول ۾ استاد ڏنو وڃي ۽ فرنيچر ۽ بلڊنگ ڏني وڃي: ميڊيا سان ڳالهيون

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) يوسي لنڊڪي جي ڳوٺ غلام نبي لاشاري جي پرائمري اسڪول غلام نبي لاشاري ۾ استاد ۽ بنيادي سهولتون نه ملڻ خلاف ڳوٺاڻن ۽ ننڍن اسڪولي شاگردن جو احتجاج تفصيل موجب يوسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

نوشهروفيروز: ڳوٺ غلام نبي لاشاري جي اسڪول ۾ سهولتن جي اڻهوند خلا شاگرد احتجاج ڪندي

پيپلز پارٽي ايم پي اي گهنور خان اسراڻ متاثر مارواڙن جي سهائتا لاءِ سرگرم

ميروخان (رپورٽر) پيپلز پارٽي ايم پي اي گهنور خان اسراڻ پنهنجي تڪ پي ايس پندرهن جي ميروخان ۽ سجاول جوڻيجو تعلقن جي برسات ۽ ٻوڏ متاثر مارواڙن جي سهائتا لاءِ سرگرم آهي گهنور خان اسراڻ طرفان يونين ڪائونسل حيدر چانڊيو جي ڳوٺ رحيم دادا گوپانگ جي برسات ۽ ٻوڏ متاثرن ماڻهن کي امدادي سامان ڏيڻ لاءِ ڳوٺ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

بدين ۾ ڊائريڪٽر انفارميشن پاران ميينا ڌاڙي جي ڪيس ۾ واپارين جي ضمانت منظور

غلام مصطفىٰ ميمڻ پريس ڪلب جي نائب صدر صحافي مرتضيٰ ۽ ٻين جي ضمانت منظور

اياز ميمڻ جي پلاٽ تي قبضو ڪرڻ لاءِ چلگرين حملو ڪري اياز کي زخمي ڪيو: غلام مصطفىٰ ميمڻ

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ڊائريڪٽر انفارميشن سوائي خان چلگري طرفان گذريل ڏينهن سادل ٿاڻي بدين تي ميينا ڌاڙي جي ڪيس ۾ چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري بدين جي صدر غلام مصطفىٰ ميمڻ بدين پريس ڪلب جي نائب صدر سينئر صحافي مرتضيٰ ميمڻ سنڌن ڀائرن محمد اياز ميمڻ ۽ محمد حسن ميمڻ جي ايڊيشنل سيشن جج بدين جي عدالت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

دادو ۾ اسٽيشن روڊ سميت ٻين روڊن تي گٽر جو پاڻي بيهجي وڃڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

پاڻي بيهجي وڃڻ سبب دوڪاندارن جو احتجاج ميونسپل آفيس جو گهيراءُ ڪيو ويو

نور احمد خشڪ، گل حسن پنهور، فاروق خشڪ ۽ ٻين دوڪاندارن احتجاجي مظاهرو ڪيو

ڪاروبار متاثر ٿئي ٿو انتظاميا کي بار بار شڪايت ڪئي آهي تدارڪ نه پيو ڪيو وڃي:اڳواڻ

دادو(ن سنڌيار) دادو ۾ اسٽيشن روڊ سميت شر تي گٽر جو پاڻي بيهجي وڃڻ سبب دوڪاندارن جو احتجاج ميونسپل آفيس جو گهيراءُ ڪامورن خلاف شديد نعريبازي، اسٽيشن روڊ سميت محلن، گهٽين، روڊن رستن تي گٽرن جو گندو پاڻي نيڪال نه ٿيڻ خلاف دوڪاندارن نور احمد خشڪ، گل حسن پنهور، فاروق خشڪ ۽ ٻين دوڪاندارن اسٽيشن روڊ کان مارچ ڪري ميونسپل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

دادو: مک روڊ تي پاڻي بيهڻ خلاف واپاري احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

ٽنڊو مستي لڳ تعليم کاتي سنڌ جي اعلانيل تعليم ايمرجنسي تي عمل نه ٿيو

ٽنڊومستي (رپورٽر) ٽنڊو مستي لڳ تعليم کاتي سنڌ جي اعلانيل تعليم ايمرجنسي واري دعوا کي ٽنڊو مستي ۽ پرباسي اندر ايجوڪيشن خيرپور جي آفيسرن ڏوڙ وانگر هوا ۾ اڏائي پنهنجي نااهلي جو چٽو ثبوت گورنمينٽ ايليمينٽري اسڪول ڦوڙي چانڊيا اندر پيش ڪندي سوين شاگردن ۽ شاگرديائين کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ڏهرڪي ۾ ڪميونيڪيشن ريٽيلرز پاران ڦرڻ جو غير قانوني سلسلو جاري

موبي ڪيش اڪائونٽ ۾ پئسا جمع ڪرائڻ تي اضافي پئسا وٺڻ بند نه ٿي سگهيو

40 هزار کان پنجاهه هزار تي اڍائي سو روپيا پاڙ سرعام وصول ڪرڻ لڳا آهن:شهري اڳواڻ

ڪمپني پاران ڊپازٽ فري هئڻ باوجود ريٽيلر عوام کان پئسا وصول ڪرڻ لڳا آهن: ڳالهيون

ڏهرڪي (رپورٽ لالجند سوٿوائي) ڏهرڪي ۾ "آل پاڪستان ڪميونيڪيشن ريٽيلرز ڏهرڪي ڊسٽرڪٽ گهوٽڪي" پاران عوام کي ڦرڻ جو غير قانوني سلسلو جاري، بغير ڪنهن گورنمينٽ رجسٽريشن جي ڪوڙي ايسوسيئيشن ناهي عوام کان موبي ڪيش اڪائونٽ ۾ پئسا جمع ڪرائڻ تي اضافي پئسا وٺڻ بند نه ٿي سگهيا ڪمپني پاران ڊپازٽ فري هئڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

خيرپور هندو برادري جي آرامگاهه مسائڻ جي رستي ۾ گندو پاڻي بيهڻ خلاف احتجاج

گندو پاڻي بيهڻ خلاف هندوبرادري فوتي عورت جو لاش رکي احتجاجي مظاهرو ڪيو

ديوان آتم داس جي فوتي امڙ جو لاش رکي هندو برادري احتجاجي مظاهرو ڪيو،نعريبازي

75 سالن ۾ آواز اٿارڻ باوجود اسان کي مسڻ جو رستو تعمير نٿو ڪري ڏنو وڃي :مظاهرين

خيرپور (رپورٽر) خيرپور هندو برادري جي آخري آرامگاهه مسائڻ جي رستي ۾ گندو پاڻي بيهڻ خلاف هندوبرادري فوتي عورت جو لاش رکي احتجاجي مظاهرو ڪيو، سياسي هائوسن سان لاڳاپيل تعلقي جو اعلان، بنيادي سهولتن نه ملڻ خلاف اينڊ چونڊن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

خيرپور: مسائڻ جو رستو تعمير نه ٿيڻ ۽ رستي ۾ گندگي خلاف رهواسي احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

ٽري ميرواهه ۾ انڌير نگري چرپٽ راجا وارو نظام قائم، عوام سراپا احتجاج بڻيل

ٽري ميرواهه (رپورٽر) انڌير نگري چرپٽ راجا وارو نظام قائم .چار مهينا گذرڻ باوجود ڪنهن لاوارث ڳوٺن جو پاڻي نيڪال نه ٿي سگهيو عوام سراپا احتجاج خيرپور پرسان ناري تعلقي جي جابلو پٽي کان رهي اينڊ ڪرڻي واري نشين جي بند ٽٽڻ ڪري ديه ٽلي جي ڳوٺ يار محمد شيٺو ڳوٺ غلام محمد شيٺو . قبول محمد ٽالبر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

دولتپور جي صوفي بزرگ حسين بخش گيڏائي جو مست جو عرس مبارڪ پڄاڻي تي پهتو

ميلي جي آخري تي سنڌ جي مشهور مل پهلوانن گل حسن ملاح آصف علي زرداري ۽ ٻيا شريڪ

فقير سومر راهو انور علي راهو وڏيرو اقبال اوٺو مٺل اوٺو غلام نبي ٻگهيو پپن اوٺو فقير شريڪ ٿيا

فنڪارن عبدالستار ڪاڪيپوٽو سوڍو خان لغاري شمع سولنگي صبا ناز نازيا فن جو مظاهرو ڪيو

دولتپور صفن (رپورٽر) دولت پور جي صوفي بزرگ حسين بخش گيڏائي، المعروف ناڻگو شاهه مست جو ساليو عرس مبارڪ پڄاڻي تي پهتو ميلي جي آخري تي سنڌ جي مشهور مل پهلوانن گل حسن ملاح آصف علي زرداري تنوير حسين حنيف راهو ممتاز سوهو عبيد ٻگهيو قربان هوٿيپوٽو طالب شيخ ۽ جان محمد لنڊ ۽ ٻين هڪ ٻئي کي مل ماري مقابلو ڪئي انعام حاصل ڪيا مل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

مڪلي شاهه لطيف ڪالوني جي بلڊنگس ڪالوني جي رهواسي پيرسن پاران احتجاج

پيرسن محمد ناهيو پنهنجي پٽ احمد، سليمان ناهيو سميت عورتن ۽ ٻارڙن احتجاج ڪيو

ٺٽي شهر جي بخاري محلي جي رهواسي يارو حمائتي ۽ منور حمائتي اغوا ڪري ڪٺي ويا:الزام

اغوا ڪندڙن کي گرفتار ڪري ڪين ڪيفر ڪردار تائين پهچائي ڪين تحفظ مهيا ڪيو وڃي

ٺٽو(رپورٽر) مڪلي شاهه لطيف ڪالوني جي بلڊنگس ڪالوني جي رهواسي پيرسن محمد ناهيو پنهنجي پٽ احمد، سليمان ناهيو سميت عورتن ۽ معصوم ٻارڙن سان گڏ پنهنجي اغوا ٿي ويل 9 سال معصوم ٽيائي فهميده جي بازيابي لاءِ پريس ڪلب مڪلي تي احتجاج ڪندي پيرسن محمد ناهيو چيو ته 4 ڏينهن اڳ گذريل چنچر واري ڏينهن شام جو سندس 9 سال معصوم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ٺٽو: شاهه لطيف ڪالوني جي بلڊنگس ڪالوني جا رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

خيرپور ضلعي جي نارا تعلقي ۾ بي آءِ ايس پي پروگرام ۾ مستحق عورتن جا پئسا هڙپ

بوزدار وڏا (رپورٽر) خيرپور ضلعي جي نارا تعلقي ۾ بي آءِ ايس پي پروگرام ۾ رڪارڊ ٽوڙ فراڊ ڪري وڏي پيماني تي مستحق عورتن جا پئسا هڙپ ڪيا پيا وڃن پر بي آءِ ايس پي انتظاميا مڪمل خاموش تماشايي بڻيل آهن سالن کان بي آءِ ايس پي پروگرام جي تعلقه نارا جي فيلڊ آفيسر مظفر شر پاران عورتن جي پئسن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

پ پ پ ايم اين اي سيد اياز علي شاهه شيرازي پاران حيسڪو چيف سان ملاقات

حيدرآباد ۾ حيسڪو چيف محمد خان سوهو سان ملاقات ڪري مسئلن بابت آگاهي ڏني

اسان عوام جا جائز مسئلا حل ڪرڻ چاهيون ٿا، جنهن جا اسان نمائنده آهيون : رياض حسين شيرازي

سمورا مسئلا بنا فرق جي حل ڪري عوام کي پريشاني کان بچايو ويندو: حيسڪو چيف محمد خان سوهو

ٺٽو(رپورٽر) پ پ پ ايم اين اي سيد اياز علي شاهه شيرازي، وزير اعليٰ سنڌ جي خصوصي معاون پ پ پ ايم پي اي سيد رياض حسين شاهه شيرازي ۽ حاجي محمد حنيف ميمڻ پاران حيدرآباد ۾ حيسڪو چيف محمد خان سوهو سان ملاقات ڪري ٺٽو ۽ سجاول ضلعن جي مختلف عوامي مسئلن تي ڳالهه ٻولهه ڪري رهجي ويل ڪم جلد مڪمل ڪرڻ جي لاءِ آفيسرن کي هدايت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اربع 14 ڊسمبر 2022 ع

ڏوهارين کي طاقت بخشيندڙ هٿ سوگها ڪيو

سنڌ هڪ ڀيرو ٻيهر بدامني جي باهه ڏانهن وڌي رهي آهي. هر آئي ڏينهن اهڙيون خبرون اچي رهيون آهن جن کي ٻڌي ۽ پڙهي محسوس ٿي رهيو آهي ته جڻ اغوا انڊسٽري هلائيندڙ هٿ وري سرگرم ٿي ويا آهن ۽ ڏوهارين جي پشت پناهي ڪندڙ طاقت وٺي رهيا آهن. پوليس به انهن جي آڏو مجبور آهي ته انتظاميا به ڪجهه ڪرڻ کان قاصر آهي ۽ حڪومت انهي معاملي تي ڪو تحرڪ وٺڻ کان لنوائي رهي آهي يا خاموشي اختيار ڪري ويٺل آهي. ويجهي ماضي ۾ سنڌ جو باقي دنيا ۾ تعارف ڌاڙيلن جي ڳڙهه طور ڪرايو ويندو هو ڪا شام خالي نه هوندي هئي جو ڪا واردات ڪو ڌاڙو ڪو اغوا يا ڪنهن شاهراهه تي مسافرن کان ڦرجو واقعو نه ٿيندو هجي پر پوءِ حڪومتي ۽ انتظامي ڪوششن سان انهي صورتحال کي ڪنهن قدر قابو ڪيو ويو. جڏهن ڏوهاري سرگرم هئا ڌاڙيلن جو راڄ هو ته پوءِ قبائلي تڪرار به تيز ٿي ويا هئا. سنڌ خاص ڪري اتر سنڌ سڄندڙ ضلعن ۾ بيگناهه ماڻهن کي رڳو ذات جي بنياد تي قتل ڪيو ويندو هو. علائقا ذاتين جي جاگير بڻيل هئا جتي ٻئي ذات واري جو وڃڻ موت کي دعوت ڏيڻ برابر هو. هاڻي به اتر سنڌ سڄندر انهن ضلعن ۾ وري ساڳئي قسم جون ڪارروايون شروع آهن توڙي جو سڀني ضلعن ۾ اهڙي صورتحال ناهي پر هڪ ٻه ضلعا هن وقت به انهي پاسي تيزي سان وڌي رهيا آهن جتي قبائلي جهيڙا به شروع ٿي ويا آهن ته ماڻهن جي اغوا جون خبرون به اچن پيون ته انهن ئي ضلعن ۾ ڌاڙيلن سان مقابلي ۾ پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن جي شهادتن جون به وڏيون وارداتون ويجهڙ ۾ ٿيون آهن.

گهوٽڪي جي ڪچي ۾ يرغمال بڻيل پي پٽ تي تشدد جي وڊيو وائرل ٿيل آهي ته ڪيئن اهي وارثن کي منٿون ڪري رهيا آهن ته اهي ڌاڙيلن کي پئسا ڏئي ڪين بازياب ڪرائين ته وري ٻه ڏينهن اڳ ڪنڌڪوٽ ۾ هڪ پنج سالن جي معصوم ٻار جي اغوا جي خبر آڏو آئي آهي. جڏهن ته اڳ ۾ اغوا ٿيل ٻن مغوين جي ٻه پنگ عيوض بازيابي جي خبر ساڳين ئي صفحن تي ڇپيل آهي. آهي ته رڳو ويجهڙ جي وارداتن جون خبرون آهن جڏهن ته ٻيون اغوا جون اهڙيون ڪوڙ خبرون آهن جيڪي رپورٽ ٿينديون رهيون آهن. سڀ کان وڏي ڳالهه اها آهي ته انهن مغوين جي بازيابي انتظامي يا قانوني رستي ٿيڻ بدران راجوڻي يا وري پنگ عيوض ٿيڻ جون خبرون اچن ٿيون جن کي ڏسي اهو اندازو آساني سان لڳائي سگهجي ٿو ته قانون ڪيترو ڪمزور آهي ۽ ڏوهاري ۽ انهن جي پٺڀرائي ڪندڙ ڪيترا سگهارا آهن جو انهن جو وار به ونگو نه ٿو ٿئي .انهي کان وڌيڪ افسوسناڪ ڳالهه اها آهي ته اهي ڌاڙيل يا ڏوهاري سوشل ميڊيا جو استعمال ڪري پوليس کي به مسلسل ڌمڪيون ڏيندا رهن ٿا ته مغوين جي وارثن کي پريشان ۽ خوف ڏيارڻ لاءِ مغوين تي تشدد واريون وڊيوز به وائرل ڪندا رهن ٿا.اسان هنن صفحن ۾ اڳ به انهي خدشي جو اظهار ڪري چڪا آهيون ته ڏوهاري وارداتون.اغوا انڊسٽري ۽ قبائلي تڪرار هڪ ئي نيٽ ورڪ سان ڳنڍيل آهن جن کي مختلف ذريعن کان مدد ملندي رهي ٿي، انهن مددگارن ۾ پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۾ شامل ڪاريون رڌون به آهن ته مقامي وڏيرا پوتار ۽ سياسي چونڊيل نمائندن جو به هٿ آهي جنهن ڪري اهي قانون کان ڏاڍا نظر اچن ٿا .

اسان سمجهون ٿا ته جيڪڏهن ڏوهي وارداتن.ڌاڙيل فيڪٽر .اغوا انڊسٽري ۽ قبائلي تڪرارن جو خاتمو ڪرڻو آهي ته پهرين انهن کي مختلف هنڌن تان ملندڙ مدد جي لائين ڪاٽڻي پوندي تنهن سان انهن ضلعن ۾ امن بحال ڪرائي سگهبو پر جيڪڏهن رڳو ڪجهه ڏوهارين خلاف ڪارروائي سان سمجهجي ته امن ٿي ويندو ته اهو ممڪن ناهي. جنهن جو مثال تازيون ڪارروايون آهن ڇاڪاڻ ته ڪجهه وقت اڳ تائين انهن ضلعن ۾ صورتحال بهتر هئي پر اوچتو ئي اوچتو وري اها ساڳي صورتحال پيدا ٿي رهي آهي جنهن کي جواز بڻائي ماضي ۾ آپريشن ڪيا ويا. تنهن ڪري حڪومت ڏوهارين جي خاتمي لاءِ پلي آپريشن ڪري پر انهن جي پاڙ پٽڻ لاءِ انهن مددي هٿن کي به گرفت ۾ آڻڻو پوندو جن جي ذريعي اهي ڏوهاري طاقتور ٿيند رهن ٿا.

عجب سياست جي غضب ڪهاڻي

انعام پٽي

پاڪستان جي سياسي ميدان ۾ ڪير ڪهڙي راند پيو ڪري ڪا خبر ئي نه پوندي جو اوچتو ڪڏهن بال ڪيڏارين کان نڪري مينيجر جي هٿ ۾ هليو ويندو ته ڪڏهن ميدان کان ٻاهر ويٺل ڪيڏارين وٽ. ڪنهن جي بيٽنگ آ ڪنهن جي بالنگ ڪا خبرئي نه پوندي بنا ترتيب جي پيو تماشو هلندو ۽ مزي جهڙي ڳالهه اها آهي ته انهي تماشي ۾ اقتدار جي بائونڊري جي چوڪير ڦيريون پائيندڙ اقتدار جا سڌڙيا اڪثر پاڻ تماشو بڻجي وڃن ٿا. پاڪستان جي سياست ۾ اڄ تائين ڪنهن به باعزت طريقي سان نه ته اقتدار تائين رسائي جو رستو اختيار ڪيو آهي نه ئي وري شرافت سان ڪنهن کي اقتدار تان الوداع ڪيو ويو آهي. جيڪي به انهي اقتداري راند جو حصو بڻيا تن ڳنجوڙ وسيلي ڳجهن هٿن جي مدد ۽ سهڪار سان اقتدار تائين رسائي حاصل ڪئي يا وري طاقت جي زور تي حڪمراني جو واڳون وٺي ويهي رهيا. پر اتفاق جهڙي ڳالهه اها آهي ته ٻنهي صورتن ۾ اقتدار تان الوداع جيڪي به ٿيا سي باعزت ڪونه ٿيا. ڪن کي جلاوطني ملي ڪن کي جيل مليو. ڪي ڦاهي چڙهيا ته ڪن جا جهاز ڦاٽا. ڪن کي گولي لڳي ته ڪن کي ڪا لوڻ جي ٽولي لڳي. اهڙي اقتدار جي راند ۾ اڄ عالمي ڪرڪيٽ جو فاتح اچي ڦاٿو آهي 35 پنڪچرن جي پڪار سان اسلام آباد ۾ ڌرڻي بعد 2018 ع جي چونڊن ۾ ٽيلر مشين جي ٽيڪنڪ سان ڪيس اقتدار ۾ آندو ته ويو پر سائنس ڪير ڪيئن ٻه هٿ ڪري پنهنجي واٽ وٺي سنهي گهٽي مان نڪري هليو ويو هن جي ملائڪن کي به خبر نه پئي.

اقتدار جي خواهش ۾ بادشاهي طرز حڪمراني جا خواب ڏسندڙ اڪثر حاڪم وقت اهو نه ٿا ڏسن ته هي سندن اقتدار مستقل ڪونهي هي ايوان ۽ محل عارضي آهن سندن جاگير يا ذاتي ملڪيت ڪونهن جو اتي ديرو ڄمائي ويهي رهندا. پر انهي وقت جڏهن سندن اقتدار جي مسندن تان ويهي جيڪي حڪم صادر ڪري مزا ماڻيندا آهن انهي وقت سندن سوچ جي ڪنهن به ڪنڊ ۾ اهو هنن کي خيال ئي نه ايندو آهي ته ڪهڙو ڪم ڪيئن ڪرڻ گهرجي جنهن سان ملڪ جو عام عوام بي پهچ خلقِ خدا خوش ٿئي ۽ انهن جي خوشنودي جي سلي ۾ هو انهي اقتدار تي مستقل ويهي سگهن ٿا. پر ان وقت انهن کي خوشنودي به انهن جي گهربل هوندي آهي جن کي پنهنجي سرڪاري ملازمت جي مدي ۾ واڌ گهرجي يا عمر ۾. جي حضور ڪري هو ته رڳو انهن جي اها خواهش پوري ڪن ٿا پر ڪانئن پڇن ٿا حضور اسان جي لائق ڪا ٻي خدمت ڪرڻ جو حڪم هجي ته اهو به ڪريون.

معاملات ته انهي حد تائين پهتڻ ۾ آيا ته "جناب تاحيات ملازمت جو پروانو ٿا ڪيئون پر بس اسان جو اقتدار سلامت رهي! " ويندي ويندي جنرل صاحب سيني سان جيڪا راند ڪري ويو سي ويٺا تماشو ڏسن. نواز ليگ جيڪا پي ڊي ايم سان گڏجي اقتدار حاصل ڪرڻ کان پهرين پنجاب ۾ اينٽي اسٽيبلشمينٽ جي بيانيي جي ڪري مضبوط بڻجي رهي هئي سا صرف اسلام آباد جي اقتدار تائين محدود ٿي وئي پنجاب جي اسيمبلي اندر ٻن مهينن تائين تماشو بڻيل رهيو جتي اڄ سوڌو ڪامورا اهو سمجهڻ ۾ ڦاٿا پيا آهن ته هو چوڻ ڪنهن جو وٺن عمران خان جي ٽيم جو يا چوڌري پرويزالاهي جي ٽيم جو. جن تي نيب جا ڪيس هئا سي سڀ بري ٿيڻ لڳا. جيڪي ملڪ کان ٻاهر ڀڳلا هئا سي وزير بڻجڻ لڳا ۽ جيڪي وزير هئا سي جيلن جو پاڻي پيئڻ لاءِ پنجاب بلوچستان ۽ سنڌ جو سير ڪندا رهيا.

جڏهن مداخلت هئي ته مرحوم مير حاصل خان بزنجو کي سينيٽ چيئرمن ٿيڻ کان محروم رکڻ لاءِ سموري صلاحيت استعمال ڪئي وئي، وري وقت ڦريو ته يوسف رضا گيلاني کي سينيٽ ميمبر ڪرائڻ جي لاءِ صورتحال بهتر ٿي وئي. اتي جوائتي وقت اڃا گهٽو ڦيرو ئي نه پاتو جو سينيٽ چيئرمن شپ تان سنجراڻي صاحب صدقي ٿيڻ کان بچي ويو ۽ جڏهن مداخلت ڪرڻ کان معذرت جو اعلان ٿيو تڏهن عمران خان جي اقتدار جو سج لهي ويو. پر سندس پنجاب جي حڪمراني برقرار رهي. خانصاحب کان بوزدار جي قرباني ترين جي طاقت ته نه ڪرائي سگهي، پر انهي کي چوڌرين جي چال چلتو ڪري ڇڏيو. جنهن اقتدار جو سج اڻ لهندڙ ٿي پانيو تنهن جي چانڊوڪي به ڪڪرن ۾ ڪارانجي وئي. عمران خان پنجاب جي اندر جيڪا وفاقي سرڪار جي خاتمي لاءِ لانگ مارچ جي مهم هلائي تنهن جو اختتام سندن صوبائي اسيمبلين جي تحليل ڪرڻ جي اعلان تي ٿيو اعلان ته ٿيو پر اڄ سوڌو انهي تي عمل ٿيندي نظر نه پيو اچي. اڄ فارين فنڊنگ ڪيس ۽ توشاخانه جو گهڙي ڪيس خانصاحب جي ۽ سندس پارٽي جي مٿان ٻه منهين تلوار جيئن ٽنگجي پئي آهي. اهڙي صورتحال ۾ سياست جي سمجهه رکندڙ ڪير به سمجهي سگهي ٿو ته جنهن کي جيڪا چال هلڻي هئي اهو سڀ ڪجهه ماحول ۽ ميدان ٺاهڻو هيو انهي جو اصل مقصد ان حاصل ڪري ورتو هاڻي پلي پيا هي سياستدان هڪ ٻئي جا پٽڪا لاهي ڏوڙ ڪن. ورندن وري به رسوائي ۽ رساڪشي. پر انهن کي گهرجي به اهوئي رسن ۾ پڌل اقتدار ۽ رسوائي سان رخصتي. تنهن ڪري اهي سياستدان به انهي عيب جا عادي ٿي چڪا آهن.

هن وقت ملڪ جي عوام جي جيڪا صورتحال آهي انهي ۾ مهانگائي هٽي ماڻهن جي چيلهه ڇڀي ڪري ڇڏي آهي ۽ سياستدان اڃا سوڌو انهي ڊوڙ ۾ لڳل آهن ته اقتدار جا ڪيترا ڏينهن ڪنهن کي ڪيئن ٿا ملي سگهن. عمران خان اڄ به نين چونڊن جي اميد رکي روز نوان دليل ۽ رستا ڳولڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي ته ٻئي پاسي پي ڊي ايم جون جماعتون مليل اقتدار کي نه رڳو ڊگهو ڪرڻ پر ايندڙ عام چونڊن بعد به اقتدار تي ويهڻ جا ڳهاٽ گهڙي رهيون آهن. زرداري صاحب چوڌرين سان شريفن جي ساز باز ڪرائي پنهنجي پنجاب ۾ حصيداري ڪيڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي. نواز ليگ وري هر حال ۾ پنهنجي پنجاب جي اندر ڪرندڙ ساک کي بچائڻ جي لاءِ پنجاب جي اقتدار ۾ واپسي جا رستا تلاش ڪري رهي آهي. سڀئي پنهنجون پنهنجون ڪوششون ڪندا رهن. پر وري به ٿيندو اهو جيڪو غير سياسي سياست جا ماهر پنهنجي پلي لاءِ سوچي رکيون ويٺا آهن. انهن جو سياست ۾ مداخلت کان معذرت جو اعلان پلي سچائي تي مشتمل نه هجي پر اسان جا هي سياستدان انهن کي سياست ۾ لازمي طور آڻڻ جي لاءِ سڀ جتن ڪندا رهندا. اڄ به عمران خان موجوده جنرل مان بهتري جي اميد رکندي مطالبو ڪري رهيو آهي ته سيني مسئلن جو حل اليڪشن آهي ملڪ کي ڏيوالي ٿيڻ کان بچائڻ جي لاءِ جلد چونڊن جو اعلان ڪيو وڃي. سيني حيلن هلائڻ بعد به ڪا واٽ ڪٿان نڪرندي نظر ڪونه ٿي اچي خانصاحب کي جو هن حڪومت جا ڪي پير نڪري سگهن. هاڻي ته سندس اتحادي پنجاب اسيمبلي جا به هڪ حڪم تي اسيمبلي ٽوڙڻ جي اعلان تي لبيڪ ڪرڻ جي بجاءِ ڪيس سوچڻ جو مشورو ڏئي رهيا آهن ۽ وري پختونخوا جي حڪومت پنهنجي اسيمبلي جي فيصلي کي پنجاب سان مشروط ڪري ويٺا آهن ته پهرين اها ٽوڙيو ته پوءِ پختونخوا. منظر ڪجهه ايئن بيٺو آهي ته سيني سان جيڪا راند ٿي وئي آهي انهي ۾ قاتل سڀ آهن جيڪي اقتدار ۾ ويٺا آهن انهن کان حڪومت هر ايندڙ ڏينهن هلائيندي مشڪل بڻجندي پئي وڃي ۽ وري جيڪي اقتدار کان ٻاهر آهن انهن جي لاءِ هر ايندڙ ڏينهن مشڪل بڻجندو پيو وڃي. اهڙي صورتحال ۾ لڳي ٿو ته جلد ئي ڪا نئين راند ميدان تي مچڻ جي لاءِ ماحول جڙندو جنهن سان راند جو تماشو ڏسندڙ مزو ماڻيندا.

ماڪَ پِڄايَنِ مولهيا. مٿان راتِ پئِي؛
اولِيون اُجَهڻَ لَڳِيون، وِيا وَنجَهه وَهِي؛
ڪَلاچِيان ڪَهي، ڪَڏَهِن ڪونه آئِيو.

واقعي هاٿي پالڻ بادشاهن جو ڪم آهي!

ليکڪ امر جليل

اسان پوئين ڪتا جي پڄاڻي انتخاب عالم جي عالمي رڪارڊ تي ڪئي هئي. مان سمجهان ٿو ته ڪجهه به ختم نه ٿيو. ڪجهه به حتمي ناهي هوندو. هڪ اڻڄاتل ڪهاڻي هڪ ظاهري پڄاڻي سان شروع ٿئي ٿي. وقت بوقت اسان ان موضوع تي بحث ڪندا رهنداسين. گذريل ڪتا جي سلسلي کي جاري رکندي، اسان اڄ جي ڪتا جي شروعات هڪ ورلڊ رڪارڊ هولڊر سان ڪريون ٿا. جيڪو مون جهڙن پوڙهن کان سواءِ شايد ئي ڪنهن ٻڌو هجي، خاص ڪري موبائيل فون جي متوالن. ان کان پوءِ ڪنهن سياسي سانحي جو ذڪر ڪنداسين. ڇا برجن داس جو نالو ٻڌو اٿئي؟ توهان ٻڌو ناهي؟ هو تيراڪ هو يعني اهي ترندا رهيا. تيراڪي ۾ سندن ڪو مٽ نه هو. تيراڪي 100 ميٽر 200 ميٽر ۽ 400 ميٽر ايونٽس ۾ پاڪستان جو رڪارڊ هولڊر ۽ قومي چيمپيئن هو. اسان پوڙهن جيان هو به برطانوي هندستان ۾ پيدا ٿيو. بروجن داس 1927 ع ۾ بنگال ۾ پيدا ٿيو. هندستان جي ورهاڱي وقت هو اوڀر پاڪستان ۾ هو. پاڪستان جي رڪارڊ توڙي چيمپيئن هجڻ جي باوجود، بروجن داس کي 1956 جي ميلبورن اولمپڪس ۾ نظرانداز ڪيو ويو. پريس کي ٻڌايو ويو ته بروجن داس کي ٻانهن ۾ سور آهي. ان مايوسي بروجن داس لاءِ بين الاقوامي ڪيريئر جو دروازو کولي ڇڏيو. هن کي لنڊن کان فرانس تائين انگلش چينل پار ڪرڻ جي دعوت ڏني وئي. بروجن داس پهريون ايشيائي پيراڪ بڻجي ويو جنهن انگلش چينل پار ڪيو. ان کان پوءِ بروجن داس ڇهه ڀيرا انگلش چينل ڪراس ڪيو ۽ مقابلي ۾ ٽاپ ڪري نئون عالمي رڪارڊ قائم ڪيو. ان کان پوءِ هن هڪ ٻيو عالمي رڪارڊ قائم ڪيو جڏهن هن تيرهن ڪلاڪن ۽ 26 منٽن ۾ انگلش چينل جي مخالف سمت تي سوئم ڪيو. باڪسر محمد علي ڪلي هڪ دفعي بروجن داس کي پاڪرپائي چيو ته سوئمنگ ۾ توهان جون ڪاميابيون منهنجي باڪسنگ ۾ حاصل ڪيل ڪاميابين کان تمام گهٽيون آهن. بروجن داس کي دنيا جي اعليٰ ترين اعزازن سان نوازيو ويو. 1999 ۾، اسان جي حڪومت بروج داس کي بعد ۾ پاڪستان جي سڀ کان روايتي اعزاز، پرائيڊ آف پرفارمنس سان پڻ نوازيو. ان وقت بروجن داس دنيا ڇڏي چڪو هو. بروج داس جا سمورا عالمي رڪارڊ بنگلاديش جي اڪائونٽ ۾ ڏيکاريل آهن. تصديق ڪرڻ لاءِ گوگل تي بروجن داس ٽائپ ڪريو ۽ پاڻ پڙهو. ان باري ۾ مان وڌيڪ ڪجهه لکڻ مناسب نه ٿو سمجهان. مان صرف اهو چوندس ته اسان عالمي سطح جي هيرو کي به سنڀالي نه ٿا سگهون. شايد اسان وٽ بروجن داس کي اپنائڻ جي گنجائش نه هئي. راندين جي دنيا ۾ بروجن داس جون ڪاميابيون ڪنهن به طرح به گريٽ جهانگير خان کان گهٽ ناهن. اسان جي پنهنجي مادري ٻولين ۾ به اهڙوئي محاورو آهي ته هاٿي پالڻ بادشاهن ۽ راجائن جو ڪم آهي. ڇا توهان هن چوٽي جي لڪيل معني کي سمجهي رهيا آهيو؟ جيئن ته اسان بادشاهه نه هئاسين. تنهن ڪري، عالمي سطح جي پيراڪ چيمپيئن بروجن داس جو قدر نه ڪري سگهياسين. هاڻي اسين قائداعظم سان بدسلوڪي واري شرمناڪ سياسي سانحي کان پوءِ پاڪستان جي پهرين وزيراعظم لياقت علي خان جي قتل جو جائزو وٺنداسين. ٻڌو آهي ته حڪومت سندس قتل جي جاچ لاءِ اعليٰ سطحي ڪميٽي جوڙي هئي. هن رپورٽ جو پورو متن ڪٿي آهي. ڪنهن کي به خبر ناهي. اسان پاڪستانين کي خبر آهي ته الله تعاليٰ سمجهي ٿو ته ڪنهن عام ماڻهوءَ لاءِ اهو ممڪن ناهي ته هو ڪنهن اعليٰ عهدي تي ويٺل ڪنهن منسبدار جي ويجهو وڃي سائنس ملاقات ڪري. اهي حضرات جڏهن ڪنهن ڪانفرنس، پريس ڪانفرنس، سياسي سيمينار ۾ شرڪت لاءِ ويندا آهن ته پوءِ وڏي تحقيق کان پوءِ دعوت ناما جاري ڪيا ويندا آهن. لياقت علي خان کي 16 آڪٽوبر 1951 ع تي هڪ قاتل هٿان قتل ڪيو ويو. ان کان اڳ جو مان وڌيڪ ڪجهه لکان، مان هڪ عرض ڪرڻ چاهيان ٿو. سياسي سانحن ۾ مارجي ويلن کي مان شهيد نه ٿو لکان. جيستائين توهان الله جي راهه ۾ وڙهندي شهيد نه ٿي وڃو تيستائين توهان شهيد سڏجڻ جي لائق نه آهيو. ان ڪري مان معذرت ٿو ڪيان ته مون لياقت علي خان جي نالي سان شهيد جو لفظ نه لکيو آهي.

لياقت علي خان جي سياسي قتل جي حوالي سان منهنجا ڪجهه سوال آهن. لياقت علي خان جو خطاب ٻڌڻ لاءِ اهم شخصيتن کي دعوتون ڪنهن جاري ڪيون هيون؟ منهنجو ٻيو سوال آهي ته انهن وي آءِ پيز کي ڪنهن چوندبو جيڪي خطاب کان اڳ لياقت علي خان جي سامهون ۽ پير ۾ ويٺا هئا؟ منهنجو ٽيون سوال آهي ته وي آءِ پيز جي سيٽن جو فيصلو ڪنهن ڪيو؟ منهنجو چوٿون سوال آهي ته ڪنهن جي فرمائش تي سيد اڪبر يا سعيد اڪبر نالي اجنبي، وي آءِ پيز ۾ عين لياقت علي خان جي پرسان ويٺو هو؟ منهنجو ٻيو سوال آهي ته سعيد اڪبر ڪنهن جي حڪم تي يا سعيد اڪبر جي ساڄي پاسي ۽ پويان ويٺل شخص ڪير هو؟ ياد رهي ته سيڪيورٽي اهلڪار وي آءِ پي سيٽن جي پويان رکيا ويندا آهن. جڏهن سعيد اڪبر يا سيد اڪبر لياقت علي خان تي فائرنگ ڪئي ته ان ئي وقت سعيد اڪبر جي پويان ويٺل شخص سعيد اڪبر کي گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو ۽ هو منظر تان غائب ٿي ويو. منهنجو آخري سوال آهي ته ان سانحي جي جاچ ڪندڙ ڪميٽي جي رپورٽ ڪٿي آهي؟ (نوٽ امر جليل جو هي ڪالم جنگ اخبار ۾ شايع ٿيو جيڪو اسين پنهنجي پڙهندڙن لاءِ ترجمو ڪري پيش ڪريون پيا.)

بقايا	❊❊❊	01

جي ڪا به کوٽ نه آهي. مراد علي شاهه چيو ته نوازشريف روهڙي پل جي مرمت ڪرائي ڏيڻ جو اعلان ڪيو هو. وزيراعظم شهباز شريف کي گذارش آهي ته روهڙي پل جو رهيل مرمتي ڪم ڪرايو وڃي.

بقايا	❊❊❊	02

سياسي حڪمت عملي سبب بائيڪاٽ ڪئي آهي. جسٽس اعجاز الاحسن رمارڪس ڏيندي چيو ته نيب ترميمن مان فائدو رڳو انهن کي ٿيو آهي. سموري سياسي پارٽي چند ماڻهن جي ڏنل لائين تي هلي رهي آهي. لائين تي هلڻ جو فائدو ڪجهه ماڻهن کي ئي پهچندو آهي. اصل ۾ جن کي فائدو ٿيو عدليه کي ڏسڻ گهرجي؟ اهڙي حالت ۾ هٿ بند ٿيل تماشو؟ نيب ترميمون بغير بحث جي تڪڙ ۾ منظور ڪيون ويون. جيڪڏهن ترميمن جي نيت صحيح ناهي ته پوءِ پيو ڪجهه جاچڻ جي ضرورت ناهي. چيف جسٽس آف پاڪستان چيو ته عدالتي فيصلن باوجود ڪرپشن ختم ناهي ٿي سگهي. مسئلو رڳو ڪرپشن ناهي پر نظام ۾ خاميون به آهن. نظام ۾ موجود خامين کي دور ڪرڻ جي ڪا به ڪوشش ناهي ڪئي وئي. جڏهن ته قانون سازي ڪرڻ پارليامينٽ جو ڪم آهي. سسٽم کي بهتر ڪرڻ لاءِ قانون ۽ عمل ڪريو جسٽس عمر عطا بنديال وڌيڪ چيو ته صوبي ۾ 5 مهينن ڪانپوءِ آءِ جي ۽ 3 مهينن ڪانپوءِ ايس ايڇ او تبديل ٿيندو آهي. ايگزيڪيوٽو فيصلا ڪرڻ وقت قانون تي عمل ناهي ڪيو ويو چيف جسٽس چيو ته ماضي ۾ ريڪوڊڪ ۽ اسٽيل مل جا فيصلا عدالت سٺي نيت سان ڪيا. حڪومت نظام جي ڪمزوري سبب منصوبن ۾ ڪرپشن کي پڪڙي نه سگهي. هن وڌيڪ چيو ته نيب قانون جي غلط استعمال سبب ڪيترن ئي ماڻهن جا ڪاروبار تباهه ٿي ويا آهن. ڪرپشن ڪندڙن کي معافي نه ملڻ گهرجي.

بقايا	❊❊❊	03

خان ٻين تي اين آر او جا ڪوڙا الزام لڳائي ٿو پر هو پشاور اسيمبلي مان اين آر او وٺي رهيو آهي. 2008 ع کان وٺي ڪي پي ڪي اسيمبلي سرڪاري هيلي ڪاپٽر جي خانگي استعمال کي قانوني قرار ڏئي ڇڏيو آهي. شرجيل ميمڻ چيو ته ڪي پي حڪومت جا وسيلا رڳو نام نهاد صادق ۽ امين تي خرچ ٿي رهيا آهن. ڪي پي ڪي جو عوام امن امان جي صورتحال، مهانگائي ۽ ٻتي جي پرچين کان پريشان آهي. جڏهن ته حڪومت عمران خان کي بچائڻ ۾ مصروف آهي. هن چيو ته ڪي پي ڪي ۾ سينيئر سياستدان، ايم اين ايز ۽ ڪاروباري برادري کي ڌمڪيون ملي رهيون آهن. ٻه ڏينهن اڳ لڪي مروت ۾ ايف آءِ اي جي سينيئر آفيسر کي قتل ڪيو ويو آهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته حالت ته اها آهي جو عمران خان جي چوڻ تي اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪي پي ڪي، گلگت بلتستان، پنجاب ۽ آزاد ڪشمير جا وڏا وزير ۽ صوبائي وزير وفاق کي ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن.

بقايا	❊❊❊	04

سنڌ جي وڏي وزير تي مشتمل ڪميٽي قائم ڪرڻ جو اعلان ڪندي ڪين هدايت ڪئي ته بنا دير ان تي عمل ڪيو وڃي. هن چيو ته ٻوڏ متاثرن جي مدد جي سخت ضرورت آهي ۽ ايندڙ هفتي کان ٻيهر متاثرعلائقن جو دورو ڪندس. وزيراعظم سکر پهچڻ تي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، سيد خورشيد شاهه ۽ آءِ ٽي منسٽر امين الحق سندس استقبال ڪيس مواصلات جو وفاقي وزير اسد الرحمان، رٿا بندي وارو وزير احسن اقبال ۽ ٻيا به موجود هئا. وزيراعظم تقريب کي خطاب ڪندي سکر روهڙي پل ناهڻ جو اعلان به ڪيو هن چيو ته سنڌ حڪومت پرائيويٽ پبلڪ پارٽنر شپ هيٺ ڪاني منصوبا شروع ڪيا آهن. وفاقي حڪومت به هن ماڊل کي فالو ڪندي. هن چيو ته 30 مهينن ۾ سکر حيدرآباد موٽر وي جيڪو 306 ڪلوميٽر ڊگهو آهي. اهو مڪمل ڪيو ويندو. 3 ڪرب 7 ارب رپين جي لاڳت واري منصوبي جي افتتاحي تقريب سکر ۾ ٿي پر هو ڪجهه دير ۾ حيدرآباد به پهچندو. ان کان اڳ افتتاحي تقريب 9 ڊسمبر تي ٿيڻي هئي. جيڪا وزيراعظم جي ٻين مصروفيتن سبب ملتوي ڪئي وئي هئي. اڄ تقريب ٻن هنڌن تي ٿيندي. ان تقريب ۾ پشاور کان شروع ٿيندڙ موٽر وي منصوبي جي آخري لنڪ جي تعمير جو پيڙهه جو پٿر رکيو ويندو. شيڊول موجب ايم 6 موٽر وي جي افتتاحي تقريب سول ايوي ايشن آڊيٽوريم حيدرآباد ۾ ٿيندي جڏهن ته سنگ بنياد رکڻ واري تقريب آءِ بي اي يونيورسٽي سکر ۾ ٿيندي. نيشنل هاءِ وي اٿارٽي ايم 6 جي جنرل مئنيجر پرڪاش لوهاڻو موجب وزيراعظم موٽر وي جي پيڙهه جو پٿر رکڻ لاءِ پهريان آءِ بي اي يونيورسٽي سکر جو دورو ڪندو ۽ پوءِ ساڳئي ڏينهن حيدرآباد پهچندو. وزيراعظم سان گڏ سنڌ جو وڏو وزير مراد علي شاهه، آءِ ٽي وارو وفاقي وزير امين الحق ۽ مواصلات ۽ پوسٽل سروس وارو وفاقي وزير اسد محمود به گڏ هوندا. ايم 6 جي جنرل مئنيجر چيو ته منصوبي جي ڪاميابي جو دارومدار سنڌ حڪومت پاران زمين حاصل ڪرڻ تي آهي. جنهن ۾ سستي نظر اچي رهي آهي. هن ان سلسلي ۾ سنڌ حڪومت کان تعاون جي گهر ڪئي ته هو جلد کان جلد زمين حاصل ڪئي وڃي. ياد رهي ته ڊي سي هالا 2 ارب رپين کان وڌيڪ پئسا هضم ڪرڻ جي ڏوهه ۾ گرفتار آهي ۽ ڊي سي وشهروفيروز تاشفين عالم پئسا لٽي پرڏيهه هليو ويو آهي پر سندس زال گرفتار آهي.

بقايا	❊❊❊	05

جو نه بلوچستان کي هڙپ ڪرڻ جو معاملو آهي. اختر مينگل چيو ته جي يو آءِ ۽ سمورن ميمبرن ان قانونسازي جي مخالفت ڪئي. ريڪوڊڪ قانونسازي ڪانپوءِ پارٽي جو اجلاس سڏايو آهي. هڪ ٻن ڏينهن ۾ سٺو فيصلو ڪنداسين.

بقايا	❊❊❊	06

جاويد جو چوڻ آهي ته افغانستان جي موبائيل نمبر تان ڀتي جون ڪالز اچي رهيون آهن. ٻه ڏينهن اڳ به گهر جي ڇت تي جوابدارن دستي بم اڇلائي فرار ٿي ويا هئا. حسين جاويد جو چوڻ آهي ته گهر جي ڇت تي دستي بم اڇلائڻ جو اطلاع پتا خورن پاڻ ڏنو هو ڏنو.

بقايا	❊❊❊	07

ڊي ايف بل ۾ پنهنجي تجويز کي شامل نه ڪرڻ تي ايوان مان واڪ آئوٽ ڪيو. مخالف ڌر جو چوڻ آهي ته هو گورنر کي چانسلر واري عهدي تان هٽائڻ جي مخالفت نٿا ڪن پر سندن تجويز آهي ته چانسلر سپريم ڪورٽ يا هاءِ ڪورٽ جي رٽائرڊ ججن کي بڻايو وڃي. مخالف ڌر اهو پڻ چيو ته يونيورسٽي لاءِ مختلف چانسلر هجڻ جي ضرورت نه آهي ۽ هڪ سليڪشن پئنل وڏي وزير، مخالف ڌر ليڊر ۽ ڪيرالا هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس تي ٻڌل هجڻ گهرجي. مخالف ڌر جو چوڻ آهي ته خدشو آهي ته رياستي حڪومت پنهنجي من پسند ماڻهن جي مقرري ڪري ڪيرالا جي يونيورسٽين کي ڪميونسٽ يا مارڪسٽ مرڪزن ۾ تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي.

بقايا	❊❊❊	08

پارٽي جي سينيئر اڳواڻن پارٽي قائد نواز شريف کي لاهوربدران اسلام آباد لينڊ ڪرڻ جي صلاح ڏني آهي. دفاع واري وزير خواجا آصف جو چوڻ آهي ته نواز شريف جي واپسي لاءِ قانوني معاملا درست ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. قانوني چيلينجز درست ٿيا ته نواز شريف واپس اچي ويندو

بقايا	❊❊❊	09

جي سياسي صورتحال ۽ فيصل آباد ۾ ترقياتي ڪمن تي ٿيندڙ اڳڀرائي تي ڳالهيون ڪيون ويون جڏهن ته لطيف کوسي پرويزالاهي کي معدنيات کاتي جي ڪارڪردگي کان آگاهه ڪيو ان موقعي تي پنجاب جي وڏي وزير چيو ته پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان پاڪستان جو مشهور اڳواڻ آهي اسان سندس ساٿ ڏنو. ڏئي رهيا آهيون ۽ اڳتي به ڏيندا رهنداسين. مان ڪنهن به هڪ ماڻهو جي بجاءِ سموري ٽيم کي گڏ ڪٺي هلندو آهيان. هن چيو ته اسان جي سياست جو مقصد عام ماڻهو جي حالتن ۾ بهتري آڻڻ آهي. هميشه غريب ماڻهو کي رليف ڏيڻ جي لاءِ سچي نيت سان ڪم ڪيو آهي ۽ اڳتي به ڪندا رهنداسين. اسان عوام جي لاءِ اهڙا ڪم ڪنداسين جو عوام هر دور ۾ اسان کي ياد رکندي. پنجاب جي وڏي وزير وڌيڪ چيو ته اسان (ن) ليگ جيان انتقامي سياست ڪڏهن به ناهي ڪئي. اسان هميشه مثبت سياسي روايتون قائم ڪيون آهن.

بقايا	❊❊❊	10

اختيار ڪيو ويو آهي ته سپريم ڪورٽ جڊيشل ڪائونسل جي ڪارروائي خلاف ڪيس جي آخري ٻڌڻي جون 2022ع ۾ ٿي هئي جنوري 2023ع کان شروع ٿيندڙ هفتي ۾ منهنجي ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي وڃي.

بقايا	❊❊❊	11

پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي نور عالم خان نوشهرو خاني جو گذريل 10 سالن جو رڪارڊ به طلب ڪري ورتو آهي. نورعالم خان چيو ته ججن ۽ بيوروڪريٽس سميت سمورن ماڻهن کي ڏنل تحفن جو رڪارڊ پيش ڪيو وڃي. آڊيٽر جنرل سياستدانن سميت سيني کي ڏنل تحفن جو رڪارڊ پيش ڪري. چيئرمين پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي وزيراعظم، آرمي چيف ۽ نيول چيف پاران مليل تحفن جو رڪارڊ به طلب ڪري ورتو آهي. ان کان علاوه چيف جسٽس، ايم اين ايز، سينيٽرن، وڏن وزيرن ۽ گورنرن کي مليل تحفن جو رڪارڊ به طلب ڪيو ويو آهي.

بقايا	❊❊❊	12

ايز اسيمبلين ٽوڙڻ جي فيصلي جي توثيق ڪري ڇڏي. اجلاس دوران عمران خان چيو ته هن مهيني اسيمبليون ٽوڙيون وينديون. اسان جي سياست ملڪ کان مٿانهين نه آهي. مسلم ليگ(ق) اسيمبليون ٽوڙڻ جي معاملي تي هڪ پيج تي آهي. (ق) ليگ اهم اتحادي آهي انهن کي پنهنجي فيصلي کان آگاهه ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا	❊❊❊	13

ڇڏيو. ذريعن موجب بي اين پي مينگل ۽ جي يو آءِ جي بلوچستان سان واسطو رکندڙ وزيرن ڪابينا اجلاس جو بائيڪاٽ ڪيو. ذريعن جو چوڻ آهي ته بلوچستان سان واسطو رکندڙ وزيرن ريڪوڊڪ واري معاملي تي ڪابينا اجلاس جو بائيڪاٽ ڪيو آهي. ذريعن موجب بي اين پي مينگل ۽ جي يو آءِ جي وزيرن ڪابينا اجلاس ۾ شريڪ ٿيا ۽ احتجاج رڪارڊ ڪرايو. ٻنهي پارٽين جا وزير احتجاج رڪارڊ ڪرائڻ ڪانپوءِ اجلاس ۾ اٿي هليا ويا. ذريعن جو چوڻ آهي ته بي اين پي مينگل ۽ جي يو آءِ معاهدي کي ارڙهين ترميم جي ڀڃڪڙي قرار ڏنو آهي. بائيڪاٽ ڪندڙ وزيرن ۾ آغا حسن بلوچ، حاجي هاشم ۽ مولانا عبدالواسع شامل آهن.

بقايا	❊❊❊	14

پيداوار لاءِ کنيل قدمن ۽ ٻين معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. سنڌ جي گورنر جو چوڻ هو ته ڪي اليڪٽرڪ بجلي جي مسلسل فراهمي کي يقيني بڻائي. هن چيو ته شهر جي مختلف علائقن ۾ اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ جون شڪايتون ختم ڪيون وڃن. ڪامران خان ٽيسوري چيو ته ترسيل نظام جي بهتري لاءِ وڌيڪ قدم کنيا وڃن. سنڌ جي گورنر چيو ته سياري جي موسم ۾ بجلي جي لوڊشيڊنگ هڪ سواليه نشان آهي. سنڌ جي گورنر جو چوڻ هو ته وڌيڪ بل موڪلڻ واري شڪايتن جو به ازالو ڪيو وڃي. چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر جو چيو ته مسلسل بجلي جي فراهمي لاءِ قدم کنيا پيا وڃن. ڪي اليڪٽرڪ جي سي اي او مونس عبدالله علوي جو چوڻ هو ته ترسيل نظام کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪم جاري آهي.

بقايا	❊❊❊	15

ڪوهيڙي سبب لاهور شهر دنيا جو پهريون نمبر گدلو شهر شمار ٿيندو آهي. ماحوليات کاتي پنجاب پرڏيهي کاتي کي ان بابت آگاهه ڪيو آهي. ماحوليات کاتي پنجاب جو چوڻ آهي ته ڀارتي پنجاب مان ڪوهيڙو پاڪستان ۾ منتقل ٿيڻ سان لاهور جي عوام کي ڏکيائي ٿيندي آهي. پرڏيهي کاتو پاڪستان پاران هي مسئلو سارڪ ملڪن جي تنظيم اٿارڻ گهرجي. ميڊيا رپورٽس موجب وڌندڙ ڪوهيڙو جي حل لاءِ ماحوليات کاتو قدم کڻي رهيو آهي. گذريل سالن جي ڀيٽ ۾ هن ڀيري ڪوهيڙو گهٽ ڏسڻ ۾ آئي آهي.

بقايا	❊❊❊	16

هو حيدرآباد سکر موٽر وي جي پيڙهه جو پٿر رکڻ واري تقريب اسد عمر پنهنجي ٽوئيٽ ۾ چيو ته سنڌ جي عوام کي حيدرآباد سکر موٽر وي مبارڪ هجي اهو منصوبو عمران خان جي حڪومت ۾ حتمي طور تي منظور ٿي چڪو هو اسد عمر چيو ته ايڪنڪ 2021 جڏهن ته پبلڪ پرائيويٽ پارٽنر شپ بورڊ 31 مارچ 2022 تي ان جي منظوري ڏني هئي جڏهن ته ان کان اڳ ٺيڪيدار جي چونڊ به ٿي چڪي هئي. هاڻ 8 مهينا برباد ڪرڻ کان پوءِ امپورٽڊ حڪومت ڪم شروع ڪري رهي آهي.

بقايا	❊❊❊	17

آءِ جي سي ٽي ڊي پنجاب پريس ڪانفرنس ڪئي. ان موقعي تي راڻا ثناءالله جو چوڻ هو ته ڪليوشن يا ڊيو جو بيان ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته پاڪستان ۾ دهشتگردي ۾ ڀارت جو هٿ آهي. اسان کي ڀارت جو مڪرو چهرو دنيا آڏو بي نقاب ڪرڻو آهي. ڀارت دنيا جي سامهون بيگناهه بڻائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو هن چيو ته ڀارت پنهنجا ظلم لڪائڻ لاءِ والاريل ڪشمير ۾ بدترين ظلم ڪري رهيو آهي. هن چيو ته ڀارت ظلم جو جواز پيدا ڪرڻ لاءِ نوان بهانا ناهي ٿو. ڪليوشن جو ڪيس دهشتگردي جو ثبوت آهي. راڻا ثناءالله چيو ته ڪليوشن ڪيس ۾ ثبوتن جي ضرورت ناهي. ڪليوشن جي گرفتاري ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته دهشتگردي پنيان ڀارت جو هٿ آهي. هن چيو ته دهشتگردي جي ڪهڙي به شڪل هجي ان جي پويان ڀارت جو هٿ نظر اچي ٿو. ان جا واضح ثبوت موجود آهن ته ڀارت دهشتگردي ۾ ڪيئن ملوث آهي. هن چيو ته ايجنسين دهشتگردي جا واضح ثبوت هٿ ڪيا آهن. پاڪستان ڪيترن ئي ڏهاڪن کان دهشتگردي جي باهه ۾ سڙي رهيو آهي. وفاقي وزير چيو ته هي اهڙو افسوسناڪ عمل آهي جنهن ۾ اسان کي هر روز نئين صورتحال کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. هن چيو ته ڪا به اهڙي برادري ناهي جنهن قرباني نه ڏني هجي يا قرباني نه ڏني هجي. مسجدن، امام بارگاهن، اهم عمارتن ۽ اجتماعن کي نشانو بڻايو ويو. هن چيو ته ڀارت ۾ دهشتگردي، جو لڪل چهرو سامهون آڻينداسين. پرڏيهي وزارت معاملي کي گڏيل قومن ۾ ڀرپور نموني اٿاريندي. هن چيو ته ڀارت ان معاملي ۾ ڏوهه جو اعتراف ڪري چڪو آهي. هو معاملي کي ٻئي طرف موڙڻ چاهين ٿا پر هو ڪامياب نه ٿيا.

بقايا	❊❊❊	18

واري علائقي ۾ گئس ۽ بجلي جو وڏو بحران آهي. هن چيو ته منهنجي گهر ۾ ڏيڍ سال کان گئس ناهي. گئس سلينڊر استعمال ڪري رهيو آهيان. گئس جي لائينن ۾ گٽر جو پاڻي نڪري رهيو آهي. گئس معاملي تي وڏيون دانهون ڪيون آهن. ڪير ٻڌڻ وارو ناهي. هن چيو ته لياري ۾ منشيات جو وڏو ڪاروبار آهي. ان کي روڪڻ جي ضرورت آهي. ان تي صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا جواب ڏيندي چيو ته حڪومت عوام کي پيش ايندڙ مسئلن جي حل لاءِ ڪم ڪري پئي. ايندڙ هفتي رزلٽ اچي ويندي.

بقايا	❊❊❊	19

اينڊ منرل کاتي بابت سوالن جا جواب ڏيندي صوبائي وزير شبير خان بجاراڻي چيو ته ٿرپارڪر ۾ گريناٽيٽ جي ذخيرن جو سنڌ يونيورسٽي ذريعي سروي ڪرايو ويو آهي. 437 ايڪڙ تي آرڪيالاجيڪل سائيٽس آهن ۽ 26 ارب ٽن جو ذخيرو موجود آهي. دنيا جو سڀ کان بهتر ذخيرا موجود آهن. هن چيو ته مقامي ماڻهن جي احتجاج سبب اتي کوٽائي بند ڪرائي وئي آهي. هاڻي ڪارونجهر ۾ ڪابه کوٽائي نه پئي ٿئي. اتي مذهبي ۽ تاريخي هنڌ موجود آهن. وڏي وزير مراد علي شاهه عوام جا خدشا ٻڌڻ لاءِ وزراتي ڪاميٽي ناهي آهي. ان معاملي کي ڏسي ڪري سنڌ ڪابينا ۾ رپورٽ جمع ڪرائي ويندي. ڪارونجهر ۾ وائلڊ لائيف جي شڪار تي پابندي آهي. اسان ڪوبه نقصان نه ڪنداسين. ڪارونجهر جو مين جبل به رزو ڪنداسين. اسپيڪر آغا سراج دراڻي چيو ته ڪارونجهر تمام بهترين علائقو آهي. اوهان خرم شير زمان ۽ فردوس شميم کي وٺي وڃو. برسات ڪانپو بهترين علائقو بڻجي ويو آهي. ايوان ۾ ايم ڪيو ايم جي رعنا انصار ڳالهائيندي چيو ته صوبائي سيفٽي اينڊ پوليس ڪمپلين ڪميشن ۾ ايم ڪيو ايم جو ميمبر شامل ڪيو وڃي. ايم ڪيو ايم وڏي جماعت آهي. ان تي صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا چيو ته سيفٽي ڪميشن ۾ اپوزيشن جا ميمبر موجود آهن. اوهان کي اڳ به چيو هو. اوهان هاڻي درخواست ڏيو. ان دوران پي ٽي آءِ جي علي عزيز چيو ته ڪميشن وڏي عرصي کان غير فعال آهي. مان به ان ميمبر آهيان. مهرباني ڪري اجلاس گهرايو وڃي. جيئن عوام جا معاملا حل ٿي سگهن . ان تي ٻ ايم ڪيو ايم جي امداد پتافي ڳالهائيندي چيو ته پي ٽي آءِ وارا ڪم نه ڪندا آهن رڳو ڳالهيون ڪندا آهن. گهڙي چوري ڪندا آهن. هي ميٽنگ ۾ ئي ناهن ايندا. اسان عوام جي نمائندگي ڪندا آهيون. هن چيو ته هي روز چوندا آهن اسيمبلي ٽوڙيون ٿا. اسيمبلي سيٽرس معاملن لاءِ هونديون آهن. هنن کي گوگي جي ڊفينس کان علاوه ڪجهه نه ٿو اچي. هن چيو ته پي ٽي آءِ ته پنجاب اسيمبلي ٽوڙڻ جي ڳالهه پٺي ڪئي پر ان تي عمل بدران ڪابينا ۾ واڌ پيا ڪن. ان دوران اسپيڪر آغا سراج دراڻي ڳالهائيندي چيو ته اسيمبليون ٽوڙڻ مذاق ناهي. پي ٽي آءِ پنجاب اسيمبلي ٽوڙي ناهي سگهي ڳالهيون وڏيون ڪن ٿا. ايوان ۾ واقعو پيش آيو. اسپيڪر جي خلاف ڳالهيون ڪيون ويون. هن چيو ته هائوس کي خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. هڪ معاملو ڪورٽ ۾ آهي. ڪورٽ واري معاملي تي جيڪڏهن اسيمبلي ۾ احتجاج ڪندا ته اهو عمل صحيح ناهي. اسيمبلي لائيو ڏيکاري ويندي آهي. اسپيڪر چيو ته اوهان کي رولز کي فالو ڪرڻو پوندو. هلڙ بازي کان پاسو ڪيو وڃي. اوهان جي احتجاج سان ڇا ٿيو. توهان اسان جا پاٽر آهيو. اهو معاملو ڪورٽ جو آهي. مان به توهان جي سامهون آهيان. ڪيسن کي منهن ڏيان پيو. جي ڊي اي جي شهريار مهر چيو ته پارليامينٽي وزير کي گهڻا ڪاٽا ڏنا ويا آهن. هائوس ۾ ويهي ئي نه ٿا. ان تي اسپيڪر ڪيس روڪيندي چيو ته ڪنهن کي ڪيترا ڏنا وڃن ٿا اهو اوهان جو نه حڪومت جو ڪم آهي. ايوان ۾ پي ٽي آءِ ميمبر راجا اظهر نه هجڻ ڪري سندس تحريڪ استحقاق پيش نه ٿي سگهي. جڏهن ته شرميلا فاروقي جي ملڪ ۾ تعليم جي بهتري لاءِ قدم کڻڻ بابت مهملي واري رٽ تي سومر ڏينهن بحث ڪيس ڪيو ويو . ڊپٽي اسپيڪر ريحانا لغاري اجلاس جمعي ڏينهن تائين ملتوي ڪري ڇڏيو

بقايا	❊❊❊	20

ٻوڏ کان متاثر ماڻهن جي مدد ڪرڻ تي جي ساراهه ڪئي. خاص طور تي سنڌ صوبي ۾ جي جي مدد ڪرڻ تي شڪريو ادا ڪريو. آصف علي زرداري چيو ته جرمني هميشه پاڪستان جي حمايت ڪئي آهي. گڏيل معاشي مفادن لاءِ ٻنهي ملڪن وچ ۾ دوستاڻا لاڳاپا وڌيڪ وڌائڻ گهرجن .ملاقات ۾ گرين انرجي ۾ پاڪستان جي صلاحيت ۽ ملڪ جي توانائي پورٽ فوليو کي وڌائڻ جي اهميت تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. انساني وسيلن جي ترقي جي اهميت ۽ ZABTech سميت سڄي پاڪستان ۾ ووڪيشنل ٽريننگ پروگرامن لاءِ جرمني جي سهڪار تي ٻن خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. جرمني جي قونصل جنرل ڊاڪٽر روئي ڊيگر لوٽين ۽ فرسٽ سيڪريٽري ڪرسچن بوئچر ٻن جرمن سفير سان گڏ هئا. ان موقعي تي سنڌ جي صحت واري وزير ڊاڪٽر عذرا پيچوهو ۽ سنڌ جي وڏي وزير جو قانون وارو صلاحڪار ۽ سنڌ حڪومت جو ترجمان مرتضيٰ وهاب پڻ موجود هئا.

بقايا	❊❊❊	21

رهواسين سان ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ دڪاندارن کان سندن مسئلا معلوم ڪيا. سنڌ جي گورنر مختلف دڪانن تان لذيذ کاڌا به کاڌا. هن چيو ته مجر ڪالوني هڪ قديم آبادي آهي. هن وقت علائقي جون حالتون انتهائي خراب آهن. پر سندن مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا ويندا. ايڊمنسٽريٽر ڪراچي چيو ته سنڌ جي گورنر جي هدايتن تي مجر ڪالوني جا مسئلا حل ڪيا ويندا.

بقايا	❊❊❊	22

۾ افرادي طاقت کي وڌائڻ ۽ گريجوئيٽس کي روزگار فراهم ڪرڻ، ورڪرز جي مهارت کي وڌائڻ لاءِ، عورتن ۽ پيڙهيل طبقي کي تربيت ڏيڻ .ادارن ۾ انتظامي ۽ اسٽريٽجڪ منصوبابندي کي بهتر بڻائڻ لاءِ اهو قرض استعمال ڪيو ويندو.

بقايا	❊❊❊	23

پنهنجي وڊيو بيان ۾ هن چيو ته ملڪ ۾ ذهني مريضن جو انگ وڌندو پيو وڃي. اهي جڙي ٻوٽين حڪيمن کي رکرو ڪنداسين ته جيئن عمران خان جهڙا ذهني مريض دوا پي هڪ کان ڇهن مهينن اندر ٺيڪ ٿي وڃن. هن چيو ته عمران خان ۽ سندس ساٿي اقتدار وڃائڻ ڪانپوءِ ذهني مريض ٿي چڪا آهن. انڪري جڙي ٻوٽين جي فصل سان اڳتي وڌو ڪم ورتو ويندو جو جوان جي استعمال سان مريض جو انگ گهٽجي ويندو. عام چونڊن بابت هن چيو ته مون کي ملڪ ۾ عام چونڊون مئي ۽ جون جي وچ ۾ ٿينديون نظر اچي رهيون آهن. ملڪ ۾ عام چونڊون پي ڊي ايم جي راضپي سان ٿينديون. منظور وسان عمران خان بابت اڳڪٿي ڪندي چيو ته جيئن جيئن چونڊن جو وقت ويجهو ايندو ويندو ته عمران خان کي پريشانين جو منهن ڏسڻو پوندو. بلاول ڀٽو زرداري ضرور وزيراعظم بڻجندو.

بقايا	❊❊❊	24

سليمان شهباز جي والد شهباز شريف ڪيس ڪلين چٽ ڏيارڻ لاءِ سمورا طريقا استعمال ڪيا. اربين روپين جي ڪرپشن ڪندڙن کي جيل ۾ هجڻ گهرجي پر ڪريٽ ٽولو ڦورن کي پروٽوڪول ڏئي رهيو آهي. سرٽيفائيڊ ڦورو ملڪ مٿان قابض ٿي ويا آهن عمر سرفراز چيمه چيو ته شريف فيملي معاشري ۾ ڪرپشن ۽ مني لانڊرنگ جا رڪارڊ قائم ڪيا. سندن ڪهاڻيون هر ماڻهو کي چڱي ريت ياد آهن. اسحاق ڊار پاڻ اعتراف ڪيو ته هن شريف خاندان جي لاءِ مني لانڊرنگ ڪئي. هن وڌيڪ چيو ته شريف خاندان ايون فيلڊ ريفرنس جي اربين رپين جي اثاثن جا ثبوت اڄ تائين جمع ناهي ڪرائي سگهيو.

بقايا	❊❊❊	25

ته سياسي استحڪام ڪيئن ايندو؟ فواد چوڌري چيو ته چونڊن ڪانسواءِ سياسي استحڪام نه ايندو. عمران خان جلسي ۾ اسيمبليون ٽوڙڻ جو اعلان ڪيو ان کان پوئتي نٿا هٽي سگهون. هن چيو ته ويهه مارچ 2023 ع تائين ڪي پي ۽ پنجاب ۾ نيون حڪومتون چاهيون ٿا. پنهنجي صوبن ۾ نيئن حڪومتن جي اچڻ سان اتي سياسي استحڪام ايندو

بقايا	❊❊❊	26

اڳ سنڌ حڪومت تعليمي ادارن ۾ سياري جي موڪلن جو اعلان ڪيو ويو آهي. جنهن جو تعليم کاتي نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي. نوٽيفڪيشن موجب 22 کان 31 ڊسمبر تائين تعليمي ادارا بند رهندا. تعليمي ادارا پيهر 2 جنوري 2023 تي سومر ڏهاڙي کلندا.

بقايا	❊❊❊	27

جي اجازت ڏئي ڇڏي ، سول اسپتال سکر جي ڊاڪٽرز تي ٻڌل ميڊيڪل بورڊ خورشيد شاهه بابت ميڊيڪل رپورٽ عدالت ۾ پيش ڪئي. رپورٽ ۾ چيو ويو ته وفاقي وزير خورشيد شاهه جي طبيعت خراب آهي. علاج لاءِ ڪيس لنڊن وڃڻ جي اجازت ڏني وڃي. وفاقي وزير خورشيد شاهه پاڻ به عدالت آڏو پيش ٿيو خورشيد شاهه پاران علاج لاءِ لنڊن وڃڻ جي درخواست تي عدالت ايم ايس سکر سول اسپتال جي نگراني ۾ ميڊيڪل بورڊ جوڙڻ جو حڪم ڏنو هو. وفاقي وزير خورشيد شاهه. سندس ٻن گهروارين ۽ ٻن پٽن سميت ٻين خلاف آمدني کان وڌيڪ اثاثا ناهڻ جي ڪيس ۾ نيب جي جاچ هلندڙ آهي.

بقايا	❊❊❊	28

بل ايوان ۾ پيش ڪيو ويو. جيڪو اسٽينڊنگ ڪميٽي کي ٻن هفتن لاءِ ريفر ڪيو ويو. فردوس شميم نقوي جي قانون جو بروقت آغاز بل بابت رٽ صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا پاران مخالفت بعد ايوان رد ڪري ڇڏي. جڏهن ته عمر اوماري جي غير حاضري سبب سندس به بل پيش نه ٿي سگهيا. ان ڪانسواءِ عارف مصطفيٰ جتوئي جو خانگي لهراءِ سندس غير حاضري سبب پيش نه ٿي سگهيو.

بقايا	❊❊❊	29

ڊاڪٽر ياسمين راشد جي صدارت هيٺ ٿيڻ واري اجلاس ۾ ڪيو ويو 2 هزار ڊاڪٽر ۽ نرسز ڀرتي ڪرڻ لاءِ ريڪوزيشن پنجاب پبلڪ سروس ڪميشن کي ڏني وئي آهي. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڊاڪٽر ياسمين راشد چيو ته 2018 کان هن وقت تائين رڪارڊ 90 هزار کان وڌيڪ ڊاڪٽرز، نرسز ۽ پيراميڊڪس جون ڀرتيون ڪيون آهن. پنجاب جي صحت کاتي موجب 703 ڊاڪٽرز ڊسمبر ۾ اسپيشلائيڊ هيلٿ ڪيئر اينڊ ميڊيڪل ايجوڪيشن جوائن ڪندا. 100 مرد ۽ 800 عورتون نرسز ڀرتي ڪيون وينديون.

بقايا	❊❊❊	30

سانحي بلديا ۾ 260 ماڻهو اجل جو شڪار ٿي ويا هئا ۽ ڪيترا زخمي ٿيا . عدالت چيو 6 جوابدارن اپيليون داخل ڪيون آهن . ٻه جوابدار رحمان ڀولا ۽ زبير چريا سزاموت جي خلاف ۽ چئن جوابدارن جي عمرقيد جي خلاف اپيليون آهن . ڪيس ۾ 400 شاهد هئا. عدالت چيو ته ان ڪيس ۾ جوابدارن پاران کهڙو به شاهد نه هو . عدالت چيو ته ڏرٻون شاهدن جي بيجز کي ويڙهن .جيڪي هن جڳهه تي موجود شاهدهئا ن جو الڳ بيجز ناهيو وڃن ۽ جيڪي لاشين جي سڃاڻپ ڪئي ۽ پوسٽ مارٽم ڪرائڻ وارن شاهدن جو الڳ بيجزناهيو وڃي .سمورا ن بيجزتياري ڪري لڪت ۾ جيڪو ڪجهه آهي هو سرڪاري وڪيل وٽ ڪابي جمع ڪرائي وڃي .عدالت ڪيس جي ٻڌڻي 17 جنوري تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهي.

بقايا	❊❊❊	31

آءِ جي سي ٽي ڊي پنجاب پريس ڪانفرنس ڪئي. ان موقعي تي راڻا ثناءالله جو چوڻ هو ته ڪليوشن يا ڊيو جو بيان ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته پاڪستان ۾ دهشتگردي ۾ ڀارت جو هٿ آهي. اسان کي ڀارت جو مڪرو چهرو دنيا آڏو بي نقاب ڪرڻو آهي. ڀارت دنيا جي سامهون بيگناهه بڻائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو هن چيو ته ڀارت پنهنجا ظلم لڪائڻ لاءِ والاريل ڪشمير ۾ بدترين ظلم ڪري رهيو آهي. هن چيو ته ڀارت ظلم جو جواز پيدا ڪرڻ لاءِ نوان بهانا ناهي ٿو. ڪليوشن جو ڪيس دهشتگردي جو ثبوت آهي. راڻا ثناءالله چيو ته ڪليوشن ڪيس ۾ ثبوتن جي ضرورت ناهي. ڪليوشن جي گرفتاري ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته دهشتگردي پنيان ڀارت جو هٿ آهي. هن چيو ته دهشتگردي جي ڪهڙي به شڪل هجي ان جي پويان ڀارت جو هٿ نظر اچي ٿو. ان جا واضح ثبوت موجود آهن ته ڀارت دهشتگردي ۾ ڪيئن ملوث آهي. هن چيو ته ايجنسين دهشتگردي جا واضح ثبوت هٿ ڪيا آهن. پاڪستان ڪيترن ئي ڏهاڪن کان دهشتگردي جي باهه ۾ سڙي رهيو آهي. وفاقي وزير چيو ته هي اهڙو افسوسناڪ عمل آهي جنهن ۾ اسان کي هر روز نئين صورتحال کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. هن چيو ته ڪا به اهڙي برادري ناهي جنهن قرباني نه ڏني هجي يا قرباني نه ڏني هجي. مسجدن، امام بارگاهن، اهم عمارتن ۽ اجتماعن کي نشانو بڻايو ويو. هن چيو ته ڀارت ۾ دهشتگردي، جو لڪل چهرو سامهون آڻينداسين. پرڏيهي وزارت معاملي کي گڏيل قومن ۾ ڀرپور نموني اٿاريندي. هن چيو ته ڀارت ان معاملي ۾ ڏوهه جو اعتراف ڪري چڪو آهي. هو معاملي کي ٻئي طرف موڙڻ چاهين ٿا پر هو ڪامياب نه ٿيا.

بقايا	❊❊❊	32

سياسي حڪمت عملي سبب بائيڪاٽ ڪئي آهي. جسٽس اعجاز الاحسن رمارڪس ڏيندي چيو ته نيب ترميمن مان فائدو رڳو انهن کي ٿيو آهي. سموري سياسي پارٽي چند ماڻهن جي ڏنل لائين تي هلي رهي آهي. لائين تي هلڻ جو فائدو ڪجهه ماڻهن کي ئي پهچندو آهي. اصل ۾ جن کي فائدو ٿيو عدليه کي ڏسڻ گهرجي؟ اهڙي حالت ۾ هٿ بند ٿيل تماشو؟ نيب ترميمون بغير بحث جي تڪڙ ۾ منظور ڪيون ويون. جيڪڏهن ترميمن جي نيت صحيح ناهي ته پوءِ پيو ڪجهه جاچڻ جي ضرورت ناهي. چيف جسٽس آف پاڪستان چيو ته عدالتي فيصلن باوجود ڪرپشن ختم ناهي ٿي سگهي. مسئلو رڳو ڪرپشن ناهي پر نظام ۾ خاميون به آهن. نظام ۾ موجود خامين کي دور ڪرڻ جي ڪا به ڪوشش ناهي ڪئي وئي. جڏهن ته قانون سازي ڪرڻ پارليامينٽ جو ڪم آهي. سسٽم کي بهتر ڪرڻ لاءِ قانون ۽ عمل ڪريو جسٽس عمر عطا بنديال وڌيڪ چيو ته صوبي ۾ 5 مهينن ڪانپوءِ آءِ جي ۽ 3 مهينن ڪانپوءِ ايس ايڇ او تبديل ٿيندو آهي. ايگزيڪيوٽو فيصلا ڪرڻ وقت قانون تي عمل ناهي ڪيو ويو چيف جسٽس چيو ته ماضي ۾ ريڪوڊڪ ۽ اسٽيل مل جا فيصلا عدالت سٺي نيت سان ڪيا. حڪومت نظام جي ڪمزوري سبب منصوبن ۾ ڪرپشن کي پڪڙي نه سگهي. هن وڌيڪ چيو ته نيب قانون جي غلط استعمال سبب ڪيترن ئي ماڻهن جا ڪاروبار تباهه ٿي ويا آهن. ڪرپشن ڪندڙن کي معافي نه ملڻ گهرجي.

بقايا	❊❊❊	33

خان ٻين تي اين آر او جا ڪوڙا الزام لڳائي ٿو پر هو پشاور اسيمبلي مان اين آر او وٺي رهيو آهي. 2008 ع کان وٺي ڪي پي ڪي اسيمبلي سرڪاري هيلي ڪاپٽر جي خانگي استعمال کي قانوني قرار ڏئي ڇڏيو آهي. شرجيل ميمڻ چيو ته ڪي پي حڪومت جا وسيلا رڳو نام نهاد صادق ۽ امين تي خرچ ٿي رهيا آهن. ڪي پي ڪي جو عوام امن امان جي صورتحال، مهانگائي ۽ ٻتي جي پرچين کان پريشان آهي. جڏهن ته حڪومت عمران خان کي بچائڻ ۾ مصروف آهي. هن چيو ته ڪي پي ڪي ۾ سينيئر سياستدان، ايم اين ايز ۽ ڪاروباري برادري کي ڌمڪيون ملي رهيون آهن. ٻه ڏينهن اڳ لڪي مروت ۾ ايف آءِ اي جي سينيئر آفيسر کي قتل ڪيو ويو آهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته حالت ته اها آهي جو عمران خان جي چوڻ تي اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪي پي ڪي، گلگت بلتستان، پنجاب ۽ آزاد ڪشمير جا وڏا وزير ۽ صوبائي وزير وفاق کي ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن.

بقايا	❊❊❊	34

اينڊ منرل کاتي بابت سوالن جا جواب ڏيندي صوبائي وزير شبير خان بجاراڻي چيو ته ٿرپارڪر ۾ گريناٽيٽ جي ذخيرن جو سنڌ يونيورسٽي ذريعي سروي ڪرايو ويو آهي. 437 ايڪڙ تي آرڪيالاجيڪل سائيٽس آهن ۽ 26 ارب ٽن جو ذخيرو موجود آهي. دنيا جو سڀ کان بهتر ذخيرا موجود آهن. هن چيو ته مقامي ماڻهن جي احتجاج سبب اتي کوٽائي بند ڪرائي وئي آهي. هاڻي ڪارونجهر ۾ ڪابه کوٽائي نه پئي ٿئي. اتي مذهبي ۽ تاريخي هنڌ موجود آهن. وڏي وزير مراد علي شاهه عوام جا خدشا ٻڌڻ لاءِ وزراتي ڪاميٽي ناهي آهي. ان معاملي کي ڏسي ڪري سنڌ ڪابينا ۾ رپورٽ جمع ڪرائي ويندي. ڪارونجهر ۾ وائلڊ لائيف جي شڪار تي پابندي آهي. اسان ڪوبه نقصان نه ڪنداسين. ڪارونجهر جو مين جبل به رزو ڪنداسين. اسپيڪر آغا سراج دراڻي چيو ته ڪارونجهر تمام بهترين علائقو آهي. اوهان خرم شير زمان ۽ فردوس شميم کي وٺي وڃو. برسات ڪانپو بهترين علائقو بڻجي ويو آهي. ايوان ۾ ايم ڪيو ايم جي رعنا انصار ڳالهائيندي چيو ته صوبائي سيفٽي اينڊ پوليس ڪمپلين ڪميشن ۾ ايم ڪيو ايم جو ميمبر شامل ڪيو وڃي. ايم ڪيو ايم وڏي جماعت آهي. ان تي صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا چيو ته سيفٽي ڪميشن ۾ اپوزيشن جا ميمبر موجود آهن. اوهان کي اڳ به چيو هو. اوهان هاڻي درخواست ڏيو. ان دوران پي ٽي آءِ جي علي عزيز چيو ته ڪميشن وڏي عرصي کان غير فعال آهي. مان به ان ميمبر آهيان. مهرباني ڪري اجلاس گهرايو وڃي. جيئن عوام جا معاملا حل ٿي سگهن . ان تي ٻ ايم ڪيو ايم جي امداد پتافي ڳالهائيندي چيو ته پي ٽي آءِ وارا ڪم نه ڪندا آهن رڳو ڳالهيون ڪندا آهن. گهڙي چوري ڪندا آهن. هي ميٽنگ ۾ ئي ناهن ايندا. اسان عوام جي نمائندگي ڪندا آهيون. هن چيو ته هي روز چوندا آهن اسيمبلي ٽوڙيون ٿا. اسيمبلي سيٽرس معاملن لاءِ هونديون آهن. هنن کي گوگي جي ڊفينس کان علاوه ڪجهه نه ٿو اچي. هن چيو ته پي ٽي آءِ ته پنجاب اسيمبلي ٽوڙڻ جي ڳالهه پٺي ڪئي پر ان تي عمل بدران ڪابينا ۾ واڌ پيا ڪن. ان دوران اسپيڪر آغا سراج دراڻي ڳالهائيندي چيو ته اسيمبليون ٽوڙڻ مذاق ناهي. پي ٽي آءِ پنجاب اسيمبلي ٽوڙي ناهي سگهي ڳالهيون وڏيون ڪن ٿا. ايوان ۾ واقعو پيش آيو. اسپيڪر جي خلاف ڳالهيون ڪيون ويون. هن چيو ته هائوس کي خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. هڪ معاملو ڪورٽ ۾ آهي. ڪورٽ واري معاملي تي جيڪڏهن اسيمبلي ۾ احتجاج ڪندا ته اهو عمل صحيح ناهي. اسيمبلي لائيو ڏيکاري ويندي آهي. اسپيڪر چيو ته اوهان کي رولز کي فالو ڪرڻو پوندو. هلڙ بازي کان پاسو ڪيو وڃي. اوهان جي احتجاج سان ڇا ٿيو. توهان اسان جا پاٽر آهيو. اهو معاملو ڪورٽ جو آهي. مان به توهان جي سامهون آهيان. ڪيسن کي منهن ڏيان پيو. جي ڊي اي جي شهريار مهر چيو ته پارليامينٽي وزير کي گهڻا ڪاٽا ڏنا ويا آهن. هائوس ۾ ويهي ئي نه ٿا. ان تي اسپيڪر ڪيس روڪيندي چيو ته ڪنهن کي ڪيترا ڏنا وڃن ٿا اهو اوهان جو نه حڪومت جو ڪم آهي. ايوان ۾ پي ٽي آءِ ميمبر راجا اظهر نه هجڻ ڪري سندس تحريڪ استحقاق پيش نه ٿي سگهي. جڏهن ته شرميلا فاروقي جي ملڪ ۾ تعليم جي بهتري لاءِ قدم کڻڻ بابت مهملي واري رٽ تي سومر ڏينهن بحث ڪيس ڪيو ويو . ڊپٽي اسپيڪر ريحانا لغاري اجلاس جمعي ڏينهن تائين ملتوي ڪري ڇڏيو

بقايا	❊❊❊	35

جي سياسي صورتحال ۽ فيصل آباد ۾ ترقياتي ڪمن تي ٿيندڙ اڳڀرائي تي ڳالهيون ڪيون ويون جڏهن ته لطيف کوسي پرويزالاهي کي معدنيات کاتي جي ڪارڪردگي کان آگاهه ڪيو ان موقعي تي پنجاب جي وڏي وزير چيو ته پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان پاڪستان جو مشهور اڳواڻ آهي اسان سندس ساٿ ڏنو. ڏئي رهيا آهيون ۽ اڳتي به ڏيندا رهنداسين. مان ڪنهن به هڪ ماڻهو جي بجاءِ سموري ٽيم کي گڏ ڪٺي هلندو آهيان. هن چيو ته اسان جي سياست جو مقصد عام ماڻهو جي حالتن ۾ بهتري آڻڻ آهي. هميشه غريب ماڻهو کي رليف ڏيڻ جي لاءِ سچي نيت سان ڪم ڪيو آهي ۽ اڳتي به ڪندا رهنداسين. اسان عوام جي لاءِ اهڙا ڪم ڪنداسين جو عوام هر دور ۾ اسان کي ياد رکندي. پنجاب جي وڏي وزير وڌيڪ چيو ته اسان (ن) ليگ جيان انتقامي سياست ڪڏهن به ناهي ڪئي. اسان هميشه مثبت سياسي روايتون قائم ڪيون آهن.

بقايا	❊❊❊	36

اختيار ڪيو ويو آهي ته سپريم ڪورٽ جڊيشل ڪائونسل جي ڪارروائي خلاف ڪيس جي آخري ٻڌڻي جون 2022ع ۾ ٿي هئي جنوري 2023ع کان شروع ٿيندڙ هفتي ۾ منهنجي ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي وڃي.

بقايا | سنڌيار | 01

جوڊي ٿي او غلام رباني ملڪ، عبدالغفار شاهه ۽ ٻين استادن شرڪت ڪئي پروگرام اسڪول جي پرنسپال واجد علي جکراڻي انچارج عبدالرحمان شاهه استاد سليم شاهه جيلاني اشفاق احمد شاهه جيلاني استاد محمد اسحاق ادراڻي استاد عبدالغفار سومرو استاد عزيز مهرخان محمد استاد شمس الدين پنهوار ڪوٺايو ويو ان موقعي تي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر ڪشمور منور علي مٺياڻي چيو آهي ته انسان کي زندگي ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ ٽن ڳالهين جو خاص خيال ڪرڻ گهرجي محنت صبر ۽ الله پاڪ تي ڪامل يقين توهان محنت ۽ لگن سان جيڪو به ڪم ڪندا رب توهانکي انجو اجورو ضرور ڏيندو اسڪول ۾ اچي ٻارن جو ٽئلينٽ ڏسي بي پناهه خوشي محسوس ڪريانٿو اهڙو اظهار ڊي سي ڪشمور منور علي مٺياڻي شهر جي هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ هڪ تقريب کي خطاب ڪندي چيو هن چيو ته هر اسڪول ۾ تفريحي ۽ سماجي ائڪٽي وٽي هجڻ کپي ۽ ان ڳاله جو ٻارن جي سوچ تي مثبت اثر پوي ٿو هن اسڪولي ٻارن کي مشورو ڏنو ته استاد ۽ والدين جو احترام ڪرڻ اوهانجي پهرين ذميواري آهي اڄ مان ضلعي جو ڊپٽي ڪمشنر آهيان ته پنهنجي استادن ۽ والدين جي دعائن سان آهيان ان موقعي تي گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول غوثپور دڙي دلي جان ملڪ ۽ هاءِ اسڪول مياڻي سهراب جي مختلف شاگردن مختلف ٽيبلوز ۽ خاڪا پيش ڪري خوب داد وصول ڪيو تقريب ۾ ڊي سي ڪشمور کان علاوه ڪيترن ئي معززين ۽ سول سوسائٽي جي ماڻهن شرڪت ڪئي ❊

بقايا | سنڌيار | 02

شهر کان ٻاهر هجڻ بجاءِ شهر جي چوراهن تي هئڻ سبب هن چونڪ تي سڄو ڏينهن ته ٽريفڪ جام رهي ٿي ٽريفڪ جام ٽريفڪ اهلڪارن سان جهڙا ڊرائيورن جي گارگند ۽ هڪ ٻي جي گلي مان جهلڻ روز جو معمول آهي هتان جي سياسي سماجي اڳواڻن ۽ سول سوسائٽي مطالبو ڪيو آهي ته نئون ڪوٽ کان ميرپورخاص عمرڪوٽ ڪنري نبي سر ٽالهي سامارو مٺي اسلام ڪوٽ ڏيپلو ڪلوئي ڏانهن ويندڙ تمام ٽريفڪ کي ٽرمينل ڏنو وڃي ۽ هيوي لوڊر گاڏين جي شهر ۾ ڊاريڪٽ آمد بجائي ٻاءِ پاس کان آندو وڃي جئين نئون ڪوٽ شهر ۾ ٽريفڪ جي مسئلي کي قابو پائي سگهجي واضع رهي ته مشرف دور ۾ ضلع ڪائونسل مان قرار داد پاس ڪئي وئي هئي ته نئون ڪوٽ جي ڊوو چونڪ تي ٽريفڪ جو آزار ختم ڪرڻ لاءِ ٻاءِ ورتا وڃن پر 20 سال گذرڻ باوجود ٽريفڪ جام جو آزار ڏينهون ڏينهن وڌندڙ آهي

بقايا | سنڌيار | 03

پرسان منشيات فروشن جي اڏي تي ڇاپو هڻيو جتان مشهور منشيات فروش مير خان چانڊيو کي چوڏهن سئو گرام چرس سميت گرفتار ڪري سنڌس مٿان منشيات ڪپائڻ جو ڪيس داخل ڪري ڪيس لاڪپ حوالي ڪيو آهي هن چيو ته منشيات فروشن کي هرگز برداشت نه ڪيو ويندو جڏهن ته اهڙي پوليس جي ڪاروائي بعد سڄاڻ ڏرين ۾ خوشي جي لهر ڇانئجي وئي آهي.

بقايا | سنڌيار | 04

فون ۽ 4700 روڪ رقم سميت گرفتار ڪري ورتو پوليس گرفتار ڪيل جوابدارن کي برآمد سامان سميت ٿاڻي تي ڪئي آئي، ۽ سنڌس خلاف 5 سنڌ جوا ايڪٽ جي تحت ڪيس داخل ڪري ڇڏيو

بقايا | سنڌيار | 05

جي وڏيري سيف الله گوپانگ جي رهائشگاه تي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ 100 برسات متاثرن ۾ ٽينٽ ، ڪمبل ،بيو امدادي سامان ٽيم گهنور خان اسراڻ جي ميمبرن ڊاڪٽر عبدالخالق ٽنيو مير مشتاق بروهي عامر ڪوڪر غلام عباس ٻاراڃ شاهد حسين جي نگراني ۾ تقسيم ڪيو ويو ان موقعي تي ٽيم گهنور خان اسراڻ جي اڳواڻ عوامي پريس ڪلب ميرو خان جي ٽيم سان ڳالهائيندي چيو ته هي اسان امدادي سامان جي ورهاست جو ٽيون فيز آهي ايم پي اي گهنور خان اسراڻ جو پهرين ڏينهن کان اهو عزم آهي ته برسات ۽ ٻوڏ ۾ جيڪي به ماڻهو متاثر ٿيا آهن انهن سمورن متاثرن جي بنا ڪنهن فرق ۽ ذات پات رنگ نسل کان هٽي ڪري انسانيت خاطر سنڌن جي واهر ۽ مدد ڪنداسين جيڪي به متاثر ٿيا آهن انهن سمورن کي پنهنجي درن تائين امدادي سامان پهچايو وڃي گهنور خان اسراڻ جي هدايتن بعد متاثرن علائقن ۾ ماڻهن کي رليف جو سامان ڏيڻ جو سلسلو هلندڙ آهي انهي ڪري اڄ يونين ڪائونسل حيدر چانڊيو جي قديمي ڳوٺ رحيم داد گوپانگ جي متاثرن ۾ اڄ هي امدادي سامان تقسيم ڪيو پيو وڃي . اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ هيو ته برساتن جي پهرين ڏينهن کان وٺي هن وقت تائين هي جيڪو به امدادي سامان ورهايو پيو وڃي ان کان علاوه جيڪا ڍهي ويل جڳهن ۽ زرعي زمينن جي سروي ٿي آهي انهن جي لاءِ به پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو جي هدايتن تي سنڌ حڪومت انهن متاثرن کي به رليف ڏيڻ لاءِ جلد رقم جاري ڪندي 15000 هزارن کان وڌيڪ متاثر خاندانن ۾ امدادي سامان تقسيم ڪيو ويو آهي جيڪو عمل اڳتي به جاري رهندو ڳوٺ جي وڏيري سيف الله خان گوپانگ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته برساتن ۾ اسان جي ڳوٺ جون تقريبن سموريون جڳهون ڍهي پٽ ٿي وڃڻ ڪانسواءِ پوکيل ساريالو فصل مڪمل طور ختم ٿي ويو ۽ ڳوٺ جي اندر 5 فٽن تائين پاڻي بيٺل هيو پر اسان جي يونين ڪائونسل جي نون چونڊيل ميمبرن واهر نه ڪئي اسين شڪر گذار آهيون ايم پي اي گهنور خان اسراڻ جا جنهن هن تڪليف ۽ ڏکي وقت ۾ اسان جي مدد ۽ واهر ڪئي آهي ۽ متاثرن لاءِ پنهنجي ٽيم جي نگراني ۾ امدادي سامان موڪليو آهي اسين ڳوٺ وارا ايم پي اي گهنور خان اسراڻ جا نهايت ٿي شڪر گذار آهيون

بقايا | سنڌيار | 06

پيو ۽ ٽائر سنڌس مٿان چڙهي ويو جنهن کي نازڪ حالت ۾ ڪيڻ صحت مرڪز آندو ويو جتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو. فوتي ٻن ٻارن جو پيءُ هو. لاش گهر پهچڻ تي وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو ڪيس ابائي ڳوٺ جي قبرستان ۾ مٽي ماءُ جي حوالي ڪيو ويو

بقايا | سنڌيار | 07

بوگس هيون ۽ انهن چونڊن جي ڪري ٿيندڙ حڪومت پڻ غلط هئي ۽ سليڪٽر جي غلط سليڪشن سبب ملڪ کي ناقابل تلافي نقصان پهتو آهي ملڪي معيشت کي سٽارٽ لاءِ بلاول ڀٽو جون ڪوششون قابل تعريف آهن اڄ پنهنجي محرابپور واري رهائش گاهه واقع "پيپلز هائوس" تان جاري ڪيل بيان ۾ هن چيو آهي صحي اليڪشن ن ٿيڻ سان نا اهل ماڻهو اقتدار ۾ اچي ويا جن وٽ حڪومت هلائڻ جو ڪو ب تجربو ڪون هو هئو ۽ هنن ملڪ جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو اهو ت شڪر آهي جو پي ڊي ايم ملڪ جون واڳون سنڀالي ورتيون ن ت ملڪ جو ڏيوالو نڪري چڪو هجي ها رئيس امير بخش خان راڄپر وڌيڪ چيو آهي ت عمران نيازي ۽ سنڌس ساٿي چور آهن ۽ هو ملڪي اهم ادارن خلاف زهر اوڳاڇي پاڻ کي سياسي طور زنده رکڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيا آهن پر ڪين ناڪامي ۽ ڪان سواءِ ڪجھ ب حاصل ڪون ٿيندو رئيس امير بخش خان راڄپر چيو ت 2023 ۾ ٿيندڙ چونڊن ۾ پ پ پ اڪثريتي پارٽيءَ طور ڪاميابي ماڻيندي ۽ ملڪ جو آئنده وزير اعظم بلاول ڀٽو ٿيندو هن چيو ت اسان اڪثريت هوند ب پي ڊي ايم کي گڏ ڪٺي هلنداسين

بقايا | سنڌيار | 08

پيو. جنهن جي نتيجي ۾ 2 مزدور حضور بخش ڏاهري ۽ محمد يونس آرائين سخت زخمي ٿي پيا. زخمين ۾ هڪ مزدور محمد يونس آرائين جي حالت ڳڻتي جوڳي هئڻ سبب ڪيس پي اير سي اسپتال نوابشاه پهچايو ويو. جڏهن ته هڪ زخمي حضور بخش ڏاهري کي طبي امداد لاءِ رورل هيلٿ سينٽر شاهپور جهانيان منتقل ڪيو ويو آهي. جتي مقامي ڊاڪٽر نور محمد پرهياڙ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته جيڪڏهن مزدور حفاظتي هيلمٽ ۽ حفاظتي بوٽ پائين ها ته مزدورن جو بچاءُ ممڪن ٿي وڃي ها. هوڏانهن جسقم اڳواڻن گل ڏاهري. ظفر ٻگهيو. صحافي منثار ڏاهري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ شهرين احتجاج ڪندي چيو ته النور ايم ڊي ايف بورڊ فيڪٽري ۾ حادثا روز جو معمول بڻجي ويا آهن. حادثن سبب درجنين مزدور معذور ٿي ويا آهن. جنهن سبب پورهيتن جو حياتيون داءُ تي لڳل آهن. احتجاج ڪندڙن النور ايم ڊي ايف بورڊ فيڪٽري انتظاميا کان مطالبو ڪيو ته فيڪٽري جي مزدورن کي فوري طور تي حفاظتي سامان فراهم ڪيو وڃي ته جيئن حادثن کان بچي سگهجي ۽ سنڌن جان بچائي وڃي. حادثن کان بچڻ لاءِ مشينن ۽ اوزارن جي جاچ پڙتال ڪري پوءِ انهن کي هلايو وڃي. هنن سنڌ هاءِ ڪورٽ. ڪمشنر شهيد بينظير آباد ۽ ڊپٽي ڪمشنر نواب شاهه کان مطالبو ڪيو آهي ته حادثي جي جاچ ڪري النور ايم ڊي ايف بورڊ فيڪٽري انتظاميا جي لاپرواهي خلاف قانوني ڪارروائي ڪري مزدورن کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا | سنڌيار | 09

لاءِ قدم نٿا کنيا وڃن هن چيو ته اڄ به مزدور جوئي استحصال ٿي رهيو آهي شوگر ملز ٽيڪسٽائل سميت آئل فلور ملز سميت هر شعبي ۾ سرڪار طرفان مقرر ڪيل پگهار تي عمل نٿو ٿئي مزدور کي اڄ به اڌ مزدوري ملي ٿي ننڍي عمر جون شاديون ٿيڻ سميت حڪومت حراسمنٽ جي واقعي تي قابو پائڻ ۾ ناڪام ثابت ٿي آهي پاڪستان ۾ قانون ته موجود آهن پر عمل نٿو ٿئي در آمد نه هئڻ جي برابر آهي فوري قدم نه کنيا ويا ته ملڪ جي هڪ ٻيرو ٻيهر ڊيفالٽ ٿيڻ جو خطرو اڻ ٽر آهي

بقايا | سنڌيار | 10

جنازه نماز مورو بحريه ڪاليج جي پرسان ڳوٺ مياندادلنڊ ۾ ادا ڪئي وئي جنازه نماز ۾ راڻا محمد عمران راجپوت؛ صحافي علي شير ڏيپر؛سيٺ محمد ياسين ڏيپر؛ محمد افضل قريشي؛پ پ ڪائونسلر ماجد قريشي راڻا ستار راجپوت؛عاجز لنڊ؛ اطهر ميمڻ؛محرم ملاح؛ريحان راجپوت؛ جان شير علي ڏيپر کان علاوه شهرين سياسي سماجي اڳواڻن ڪارڪنن هوٽل جي مالڪن هوٽل جي ملازمن بورچين ۽ برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي بعد ۾ مرحوم کا آلين اکين سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو؛ مرحوم جي جنازه نماز مشهور اهلسنت وجمائت جي مولوي درگاهه سچڻ سائين جي مريد ۽طاهري جمائت جي اڳواڻ مولوي محمد بخش ٻات پڙهائي

بقايا | سنڌيار | 11

اڳواڻن پاران سخت احتجاج خبر موجب مٺياڻي روڊ ۽ نوشهروفيروز جي مختلف چوڪن روڊ رستن تي گندي پاڻي خلاف ايس ٽي پي تعلقه اڳواڻ اسد چانڊيو جاويد سيال پ پ شهيد ڀٽو بشارت ڪوسو وسيم ڏنگراج جي دي اي معشوق ڪورائي ۽ ٻين پاران مٺياڻي روڊ کان ڊي سي آفيس جي مين گيٽ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ضلعي انتظاميان خلاف سخت نعري بازي ڪئي وئي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چئيو ته شهر اندر مختلف مين روڊ رستن ۽ چوڪن گليين ۾ گندي پاڻي جا تلاءُ گند ڪچري جا ڍير لڳل آهن جيستائين نااهل ضلعي انتظاميان سموري شهر اندر جي صفائي نه ڪرائيندا اسان جو احتجاج جاري رهندو

بقايا | سنڌيار | 12

پٽ تي ويهاري تعليم پرائڻ تي مجبور بڻائي ڇڏيو شاگردن ۽ شاگرديائين کي روزانو تعليم حاصل ڪرڻ جي جرم ۾ سخت تڪليفن ۾ مبتلا ڪري خاموش تماشائي بڻيل ڪنهن به نوٽيس نه ورتو تعليم کاتي خيرپور جا آفيسر اسڪولن جي بجيٽ مان موج مستي سان شاهي زندگي گذارڻ لڳا اسڪول جي بلڊنگ زبون حال بڻيل ۽ چارديواري بنا اسڪول جو ڪاروهنوار هلندڙ هجن ڪري شاگردن توڙي شاگرديائين صوبائي وزير کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي اسڪول مان فرنيچر جي ڪوٽ ختم ڪرڻ سان گڏو گڏ عمارت ۽ چارديواري جي مسئلن کي حل ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو ٻئي پاسي گورنمينٽ ايليمينٽري اسڪول جي هيڊ ماستر استاد محمد ارشاد ڪانڌڙو صحافين سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته اسان جي اسڪول اندر حاضر شاگردن ۽ شاگرديائين جو انگ 375 آهي اسڪول جا ڪمرا به گهٽ آهن جن مان ڪجهه زبون حال ٿي ويا آهن ان سان گڏ اسڪول جي عمارت کي چوديواري جي سخت ضرورت آهي نيائين کي تعليم حاصل ڪرڻ ۾ سخت ڏکيائيون پيش اچي رهيون آهن جڏهن ته اسڪول ۾ فرنيچر نه هجڻ ڪري ڪافي نيائين ۽ ٻين شاگردن کي هن جديد دور ۾ پٽ تي ويهاري تعليم ڏيڻ تي مجبور بڻيل آهيون جنهن لاءِ تعليم کاتي خيرپور جي اعليٰ عملدارن کي ڪافي وقت کان لکت ۾ درخواستون ڏنيون آهن پر هن وقت تائين ضلعي انتظاميا توڙي تعليم کاتي جي عملدارن ڪو به عمل نه ڪيو آهي

بقايا | سنڌيار | 13

جوابدار جي ڀي حنيف لاشاري کي گرفتار ڪري ورتو. ٻئي پاسي ميڊيا تي خبر نشر ٿيڻ جو آءِ جي سنڌ نوٽيس ورتي ڇڏيو. دادو شهر جي شهباز ڪالوني ۾ مدرسي ۾ پڙهندڙ 5 سالا نينگر سان جوابدار پاران مبينا جنسي زيادتي وارو مامرو آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ، ايس ايس پي دادو ڊاڪٽر عبدالخالق پيرزادو کان رپورٽ طلب ڪري ورتي. آءِ جي سنڌ جي نوٽيس بعد دادو جي اي سيڪشن ٿاڻي تي نينگر جي والد اي ايس آئي عمرالدين سولنگي جي فرياد تي گناهه نمبر 2022/321 قلم 377 تحت ڪيس داخل ڪيو ويو. جوابدار قانون کان اڄو آخري اطلاع تائين جوابدار گرفتار نه ٿي سگهيو. پوليس ڇاپي دوران مولوي زين لاشاري جي پيءُ حنيف لاشاري کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو آهي.

بقايا | سنڌيار | 14

مري , رمضان وگڻ , عبداللطيف وگڻ ,امير علي وگڻ جي اڳواڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي اڳواڻن چيو ته چار مهينا گذري ويا پر برساتن جون پاڻي اڃان تائين اسان جي ڳوٺ ۾ بيٺل آهي اسان ڪوڙ مرتبا اعلا عملدارن کي ڌانهيو پر اسان جي هڪ به نه ٻڌي وئي هنن چيو ته اسان جي ڳوٺ مان پاڻي ته نه ڪيڏرايو پر اسان جي ڳوٺاڻن کي ٽينٽ , راشن , توڙي ٻين سهولتن کان به محروم رکيو ويو آهي انتظاميه جي لاپرواهيءَ سبب اسان ڳوٺ جو رستو پڻ پاڻيءَ جي لپيٽ ۾ هجڻ ڪري اسان جي آمدرفت سخت متاثر ٿئي ٿئي ان ڪري اسان جي ٻارڙن جي تعليم پڻ متاثر لڳي پئي آهي هنن وڌيڪ چيو ته اسان جي ڳوٺ جي سروي به ڪئي وئي پر ان جي باوجود به اسان کي ٻڇ ڪلر سميت بوهه ۽ چارو به اڄ تائين مليو ٽيپيدار اسان کان رشوت جي گهر ڪئي نه ڏيڻ جي صورت ۾ اسان جي ڳوٺ کي نظرانداز ڪيو ويو آهي هنن ڊي سي نوشهروفيروز سميت ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته اسان جي ڳوٺ موسا خان مري مان برساتي پاڻي نيڪال ڪرائي سهولتون ڏنيون وڃي

بقايا | سنڌيار | 15

ميرجت جي نگراني ۾ ٿي گذريون جنهن ۾ ٽنڊوباگو بار ڪائونسل لاءِ ايڊووڪيٽ صدر سڪندر علي خواجه، نائب صدر جيوت رام لوهاڻو، جنرل سيڪريٽري اشور لال، جوائنٽ سيڪريٽري مجاهد علي خواجه، خزانچي محمد ارشد ڪنمبوه ۽ لائبريري سيڪريٽري راجا سهيل ميمڻ کي سامهون ڪنهن اميدوار پاران فارم نه ڀرڻ تي بنامقابلي ڪامياب قرار ڏئي اهڙو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي

بقايا | سنڌيار | 16

۽ ٻين دڪاندارن کان ريٽ معلوم ڪري مٿي ريٽ وٺندڙن مٿان ڏنڊ لڳايا ويا. پڪوڙن ۾ خارج تيل استعمال ڪرڻ چانه ڪير ۽ ڏهي ۾ ڪيميڪل چيڪ ڪرڻ لاءِ فوڊ وارامن کي طلب ڪيو ويو ڀاڻ سرڪاري ريٽ 2250 پنجاهه کان مٿي 2800 سؤ روپيا ريٽ وٺندڙ ٽن دڪاندارن مٿان پنج پنج هزار روپيا ڏنڊ جڏهن ته سبزي ريٽ لسٽ کان مٿي ريٽ وٺندڙن مٿان پنج پنج سؤ روپيا ڏنڊ لڳائي وارنگ ڏني وئي ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر وارهه سميع الله وگڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته عوامي شڪايتن بعد مختلف دڪانن جي وزٽ ڪئي آهي جنهن ۾ ٻج ڀاڻ مرغي شاپ ڊيري شاپ ڪٽي ڏارو سبزي جا ريڙها هوٽل وغيره وزٽ ڪيا آهن جنهن ۾ مٿي ريٽ وٺندڙ ٽن ڀاڻ جي دڪاندارن جيڪي 2250 سرڪاري ريٽ کان مٿي 2800 روپيا ڀاڻ وڪرو ڪري رهيا هئا جن ۾ مير محمد، عبدالحڪيم، ۽ سنڌيش ڪمار تي پنج پنج هزار روپيا ڏنڊ لڳايو آهي ۽ سبزي ريٽ لسٽ کان مٿي وڪرو ڪندڙن مٿان پنج پنج سئو روپيا ڏنڊ لڳايو ويو آهي، ان علاوه پڪوڙن ۾ خارج تيل استعمال ڪرڻ ڏهي ڪير ۽ چانه ۾ ڪيميڪل چيڪ ڪرڻ لاءِ فوڊ وارن کي گهرايو ويو آهي ان کان علاوه هن چيو ته هي ڏنڊ لڳائي ڪين وارننگ ڏني وئي آهي اگر عمل نه ڪندا ته سنڌن جا دڪان سيل ڪري قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي اهڙي عمل کي ساراهيندي شهرين ڪين شڪريو ادا ڪيو

بقايا | سنڌيار | 17

جيئن هو پنهنجو ۽ پنهنجي والدين جو مستقبل بهتر ڪري سگهن جڏهن ته سنڌ حڪومت جو به سلوگن آهي ته (پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ) ان سلوگن کي هٿي وٺرائڻ لاءِ وزير تعليم سردار علي شاهه ۽ سيڪريٽري تعليم غلام اڪبر لغاري جي هدايتن تي ضلعي شهيد بينظير آباد جي مختلف اسڪولن ۾ وڃي ٻارڙن جي والدين کي سمجهائي ۽ اهڙا سيمينار ڪرائي رهيا آهيون ته وڌ ۾ وڌ ٻارڙا تعليم حاصل ڪن . ان موقعي تي اڳوڻو وائيس چيئرمين ٽائو ڪاميٽي سڪرنڊ نوراحمد لاکو، پ ٽ الف سڪرنڊ جو صدر ارباب علي پرهياڙ، مبارڪ علي گدارو، تعليمي ماهر قاضي علي محمد ڏايو ، غلام مصطفي ڪبر ، حاجي داءُود گدارو، عطا محمد گدارو، عبدالستار لغاري ، مجيد عباسي ۽ ٻين گڏيل طور خطاب ڪندي چيو ته اسان کي گڏيل طور تي تعليم لاءِ ڪوششون وٺڻيون پونديون جيڪي ٻارڙا تعليم حاصل نه ڪري رهيا آهن ۽ انهن جا سبب به معلوم ڪرڻا پوندا ته آخر هو پنهنجن ٻارڙن کي تعليم جو نه ڏياري رهيا آهن انهن جا سبب معلوم ڪري انهن جي مسئلن کي گڏيل طور حل ڪرڻ گهرجي ته جيئن وڌ کان وڌ سنڌ جا معصوم ٻارڙا تعليم حاصل ڪري سگهن ان موقعي تي سينئر ڪلارڪ عرض محمد چانڊيو ، گل حسن بنگلاڻي ، لوئر اسٽاف سڪرنڊ جو صدر ڏتي بخش ملاح ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

بقايا | سنڌيار | 18

۽ تلي ڌي.سميت مختلف ڳوٺن ۾ ڪيل تباهي ڪري ڇڏي هئي طرف ڳوٺن طرف ويندڙ رستا به بند زمينن مان پاڻي به نيڪال نه ٿيو غريب آبادگارن جو هزارين ايڪڙن تي پوکيل مختلف قسم جو فصل سڙي رڪوونٽن ڪيلي جو فصل لهڻ تباهه ٿي ويو آهي پر ڪٽڪ جي فصل جي پوکي به نٿي سگهي علائقي ۾ بک ۽ بد حالي جو دور اچڻ وارو ميڊيا سان ڳوٺائن ويچار ونديندي چيو اسان پاڪستان پيپلز پارٽي جا ووٽر آهيون افسوس سان ۽ ڏک سان اهيو چوڻون ٿو - پوي ته سنڌ حڪومت ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جو ڪو به نمائندو لڙي نه آيو آهي - اسان جو وونٽن جو فصل تباهه ٿي.پاڻي سبب. ڪٽڪ جي پو ڪائي.نٿي ايندڙ ڪيه جو فصل مشڪل ٿيندو خدارا اسان جي ڳوٺن تي نظر ڪئي وڃي ۽ پاڻي نيڪال ڪيو اسان پاڪستان پيپلز پارٽي چئرمين بلاول ڀٽو ۽ پ پ پ انتظاميان ڊي سي خيرپور ايس ڊيم ٿري ميرواهه ۽ ٻين وارن کي اپيل ڪندا سين ته اسان جي ڳوٺن جو سرڪاري خرچ تي پاڻي نيڪال ڪرائي ڏنو نه ته ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪندا سين .نه ٻي صورت ۾ عدالت عاليه جو در کڙڪائيندا سين.

بقايا | سنڌيار | 19

انسانذات سان محبت جو درس ڏنو آهي اياز پنهيار سنڌ ثقافت هزارين سال پراڻي ۽ شاهوڪار آهي هي ڏينهن اسين پنهنجي سنڌ ڌرتي تي هجون يا ٻاهر پوري جوش جذبي ۽ عيد جي خوشي جيان ملهائيندا آهيون فهيم اوٺو جو تقريب کي خطاب خبر موجب سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ جيان مدينه منوره ۾ ب ايڪتا تقريب جو انعقاد اياز پنهيار عادل عباس ۽ فهيم اوٺو جي ميزباني هيٺ منعقد ڪئي وئي ايڪتا تقريب ۾ سنڌ واسي اجرڪ ٽوپي ۽ معصوم گلن جهڙا ٻارڙا پنهنجي ثقافت سان محبت جو اظهار ڪندي اجرڪ سان نهيل لباس پهري شريڪ ٿيا ثقافتي تقريب ۾ شريڪ ماڻهو سنڌي قومي گيتن جي مهان راڳين سرمد سنڌي احمد مغل سڄڻ سنڌي ۽ ٻين جي ڳايل ڪلامن تي جهمريون هڻندا رهيا ثقافتي تقريب کي خطاب ڪندي اياز پنهيار چيو ت سنڌ جي سرزمين صوفين ولين ۽ بزرگن جي آهي جن پنهنجي شاعري ۾ ڌرتي ثقافت امن پائيچاري ۽ انسانذات توڙي پکين جانورن سان ب پيار ڪرڻ جو درس ڏنو آهي فهيم عباس اوٺو چيو ت اسين ديس ۾ هجون يا پرديس ۾ پنهنجي ثقافت جو ڏينهن ڀرپور نموني ملهائي پنهنجي ثقافت اجرڪ ٽوپي ۽ پٽڪو پڌي دنيا آڏو پيغام رکندا آهيون ت اسان جي ثقافت هزارين سال پراڻي ۽ شاهوڪار ثقافت آهي هي ڏينهن اسان عيد جيان ملهائيندا آهيون ۽ ملهائيندا رهندا سون

بقايا | سنڌيار | 20

تعزيت جو اظهار ڪندي دعا ڪئي ته الله تعالي مرحومه جا درجات بلند فرمائي ۽ وارثن کي صبر جي توفيق عطا فرمائي. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته اهو چوڻ جلد بازي آهي ته چوڪري جي زندگي ڪنهن جي لاپرواهي سبب فوت ٿي آهي، ان لاءِ صحت کاتي جي سيڪريٽري هڪ ڪميٽي جوڙي ڇڏي آهي، هن چيو ته هو پاڻ ۽ صحت کاتي جا آفيسر ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر مورو به ان حوالي سان انڪوائري رپورٽ پيش ڪندا. هن چيو ته ان سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت برداشت نه ڪئي ويندي. ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ ذميوارن کي سخت سزا ڏني ويندي.

بقايا | سنڌيار | 21

تي 7 جوابدارن خلاف ڪيس داخل. 3 ڄڻا گرفتار، 4 ڄڻا فرار تفصيلي خبر موجب سيٺارجا پرسان علي بحر واهه مان نڪرندڙ ڪوبري شاخ جو سرڪاري ڪاٽ چوري ڪندي پوليس پڪٽ جو انچارج پٽ ۽ ساٿين سميت پڪڙي پيو شاخ جي داروغي مٿان پوليس پڪٽ جي انچارج طالب حسين سهتو ۽ سنڌس پٽ نادر سهتو ساٿين سان ملي وحشياڻو تشدد .داروغو زخمي . ايس ايس پي خيرپور مير روحل خان کوسو جو نوٽيس . پوليس پڪٽ انچارج سميت 7 ڄڻن مٿان پيروسڻ ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ڪوبري شاخ جي داروغي شاهنواز چنو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سرڪاري ڪاٽ چوري ڪندي ڪوبري پوليس پڪٽ جو انچارج طالب سهتو پنهنجي پٽ نادر ۽ ساٿين فداحسين شر ميول شر بادشاه موجائي ۽ ٻن نامعلوم مردن سان گڏ سرڪاري ڪاٽ چوري ڪري ڪٽي رهيا هئا ته منع ڪرڻ تي منهنجي مٿان حملو ڪري ڏنو ۽ سخت زخمي ڪري ڇڏيو اهڙو اطلاع پيروسڻ پوليس ڏنو جنهن تي مذڪوره ماڻهن مٿان ڪيس داخل ڪري ٽن ڄڻن کي ڪاٺين سميت گرفتار ڪري ڇڏيو آهي ٻئي طرف ايس ايس پي خيرپور مير روحل خان کوسو واقعي جو نوٽيس وٺندي ملوث جوابدارن چوڪي انچارج سپاهي طالب حسين سهتو. نادر سهتو. فداحسين شر. ميول شر. بادشاه موجائي سميت ٻن نامعلوم ماڻهن خلاف پيروسڻ ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو آهي پيروسڻ پوليس ٽن ڄڻن ميول . بادشاه. فداحسين شرڄڻن کي موقعي تي گرفتار ڪري ورتو آهي ۽ سپاهي طالب حسين سهتو کي معطل ڪري ڇڏيو آهي

بقايا | سنڌيار | 22

تدفين چنڊڻ موري لڳ درگاهه پير مشائخ جي قبرستان ۾ ٿي گذري جنازا نماز ۽ تدفين ۾ جوهي تعلقه جي ڊي ايس پي بشير احمد ڪونهارو جوهي ٿاڻو جي ايس ايڇ او جوهي سميت جيل پوليس جي آفيسرن عملدارن ۽ ايس ايس پي آفيس جي عملي ۽ گوپانگ برادري شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جڏهن ته مرحوم جو تڏو جوهي شهر جي نيو ڪالوني گوپانگ هائوس تي وڇايو ويو جٽ مرحوم پاءِ پوليس سب انسپيڪٽر غلام الرسول گوپانگ ۽ ٻين سان تعزيت جاري رهي.

بقايا | سنڌيار | 23

اسپتالون سيل ڪري ڇڏيون هن صحافين کي ٻڌايو ته اسان پوري ضلعي ۾ هلندڙ غير قانوني اسپتالن کي ڊي جي هيلٿ جي سخت هدايتن بعد ڪوشش ۾ آهيون ته بند ڪرايون جنهن لا اسان ڪميشن ڪيئر هيلٿ ڪراچي کي لکيو آهي اتان موٽ ملڻ بعد انهن جي اڳواڻي ۾ ڪاروائي ڪنداسين ۽ غير قانوني اسپتالون هلائيندڙن خلاف سخت ڪاروائي ڪئي ويندي

بقايا | سنڌيار | 24

ڪٽڪ جي فصل کي ختم ڪري وٽن جو ٻج ڇٽڻ وارو عمل شروع ڪري ڇڏيو ساڄاهه ونڊن پاران ڊويزنل فاريسٽ آفيسر ضياد الله لغاري جي سارا هه تفصيل موجب سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي حڪمن بعد ڊويزنل فاريسٽ آفيسر ضياد الله لغاري جي هدايتن تي ٻيلي کاتي گهوٽڪي ضلعي جي آفيسرن پاران ٻيلي کاتي جي زمينن تي قابض ماڻهن خلاف ڪاروايون تيز ڪري ڇڏيون آهن گزريل ڏينهن پڻ ٻيلي کاتي گهوٽڪي ضلعي جي آفيسرن پاران ڊويزنل فاريسٽ آفيسر ضياد الله لغاري جي اڳواڻي ۾ رينج فاريسٽ آفيسر ڪاشف حسين لغاري فاريسٽ انچارج شهمير چاچڙ بادل خان نجيب خان تي مشتمل ٽيم پوليس عملي ۽ ٽريڪٽرن سان گڏ عادلپور ٻيلي جي زمين تي قابض ماڻهن خلاف آپريشن ڪري هڪ سئو ايڪڙ کان وڌيڪ زمين تي پوکيل ڪٽڪ جو فصل ٽريڪٽر زريعي ختم ڪرائي وٽن جو ٻج ڇٽڻ جو عمل شروع ڪري ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ ٻيلي کاتي جي آفيسرن جو ميڊيا سان ڳالهائيندي چوڻ هو ته پاڪستان جي اعلي عدالت سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي حڪمن بعد سرڪاري زمينن تي قابض ماڻهن خلاف ڪاروايون جاري آهن عادلپور ٻيلي تي قبضي جو اطلاع ملڻ شرط ئي ڪاروائي ڪري هڪ سئو ايڪڙ زمين تان قبضو ختم ڪرائي ٻيلي کاتي جي عملي کي نگراني تي مقرر ڪري ڇڏيو آهي هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته سرڪاري زمينن تي قبضا مافيا خلاف وڏي تيزي سان ڪاروايون جاري آهن ڪنهن به قبضا خور سان رعايت نه ڪئي ويندي ٻي پاسي ڊويزنل فاريسٽ آفيسر ضياد الله لغاري جي اهڙي ڪامياب ڪاروائي تي سياسي سماجي اڳواڻن پاران ساراهه ڪئي وئي آهي

بقايا | سنڌيار | 25

مان بي انداز ڪٽوتي ڪرڻ لاءِ ڊرائيس هولڊرن کي ٺيڪو ڏيئي مڪمل اختيار ڏنا ويا آهن هن ڪڏي عمل ۾ هن سان ايڇ بي ايل بينڪ انتظاميان مڪمل ڀٽ بڻيل آهي جڏهن ته هيڊنر سنڌن بڪ ايتري قدر وڌي وئي آهي جو فوت ٿي ويل عورتن جي نالن تي به پئسا ڪڍي پنهنجا پيٽ پري رهيا آهن تازو اهڙو واقعو هيڊنر نارا تعلقي ۾ ٿيو آهي جنهن ۾ ٻڌايو پيو وڃي ته عمر شر نالي ڊرائيز ايجنٽ هڪ فوتي عورت سياڻي جي نالي تي وڏي رقم ڪڍي هڙپ ڪئي آهي جنهن ۾ ساٿس ڪافي شخص ڀاڳي ڀائيوار آهن هن عمل ۾ مخصوص هڪ ٽولو فلڪ شير اعوان فلڪ ريحان عمر شر ۽ ڪجھ تعلقي ناري جا آفيسر ۽ ايجنٽ به ملوث آهن ۽ ايڇ بي ايل جي آفيسرن ۽ نادرا جي تعاون سان فوت ٿيل عورتن جا پئسا ڪڍي ويا آهن زريعن مان معلوم ٿيو آهي ته لڳ ڀڳ ٻن ڪروڙن جو فراڊ ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو آهي ذريعن مان اهو به معلوم ٿيو آهي ته فوت ٿيل عورتن جا پئسا ڪيندڙ ٽولي ڊرائيز مالڪن ۽ ايجنٽن فوتين جي پئسن جي حصي پتي تان منهن ماري به ٿيل آهي ۽ هاڻي پاڻ کي سچو ثابت ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي مٿان الزام تراشي به ڪرڻ لڳا آهن اهو به ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته ڪجهه ڊرائيز مافيا انهن پئسن مان گاڏيون وٺڻ ڪان پوءِ پنهنجا ڪاروبار شروع ڪيا آهن سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ڇا ان ٽولي خلاف قانوني ڪاروائي عمل ۾ ايندي يا ڏنو پٽ چٽي جو واري روايت کي برقرار رکندي ڪين چوٽ ڏني ويندي بي آءِ ايس پي اختيارين کي گهرجي ته هن مسيلي کي سنجيدگي سان حل ڪرايي ملوث آفيسرن ۽ايجنٽن خلاف قانوني ڪاروايي ڪري انهن کي سخت سزا ڏياري فوت ٿيل ۽مستحق عوتن جي رقم واپس ڪرايي انهن جي وارثن کي ڏياري وڃي

بقايا | سنڌيار | 26

عبدالغفور هيجب جاکرو، اسسٽنٽ انجنيئر آرڪالاجي ٺٽو سرفراز جتوئي، حاجي حنيف ميمڻ، صادق لاکو، عبدالشڪور ميمڻ، پريس ڪلب ٺٽو جو صدر اقبال جاکرو، عوامي پريس ڪلب جو صدر بلاول سمون، ننگر پريس ڪلب جو صدر جاويد ميمڻ، پريس ڪلب مڪلي جو اڳوڻو صدر سيد گل شاهه، اعجاز واريو، علي اڪبر دلواڻي، الهجڙيو برفت، صحافي رشيد جاکرو، رحمت الله چنو، ايڪا اڳواڻ جهانگير ميمڻ، وڏيرو محمد عرس گندرو، ڊاڪٽر آڪاش عباسي، پي ٽي آءِ اڳواڻ سيد امجد حسين شاهه، جسقم اڳواڻ غلام سرور خشڪ، شبير پٽي، شاعر عبدالقيوم راهو، مارو خشڪ، محبوب درس، رمضان ميمڻ، محمد ايوب ملاح، عزيز جوکيو، شيراز واريو، ايم ايڇ ڪنيار، عبدالحسين مينڊرو، عبدالرزاق چانڊيو، عبدالغني ڪاتيار، صحافي حسن بيگ، محمد ايوب درس، سيد امداد شاهه، محمد علي خٽڪ، نظير قريشي سميت وڏي تعداد ۾ شهرين، سياسي، سماجي اڳواڻن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي مزاحيه اداڪار مرچو موالي پنهنجي ساٿين سان گڏ خاڪا پيش ڪري ماڻهن کي کلائي کلائي کيرو ڪرڻ سان گڏ محفل موسيقي ۾ سنڌ جي پلوڙ فنڪارن امتياز سومرو، خانصاحب خدابخش ڪڇي ۽ ٻين فن جو مظاهرو ڪري خوب داد حاصل ڪيو. آخر ۾ پريس ڪلب مڪلي جي صدر احمد خان خشڪ جي سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽي ڪيس آيل دوستن پاران سالگرهه جون مبارڪون ڏيئي ڪيس لونگين ۽ اجرڪن جا تحفا پيش ڪرڻ سان گڏ ٽائون ڪميٽي گهارو جي ايڊمنسٽريٽر عبدالغفور هيجب جاکرو پاران ڪيس پٽڪو ٻڌرايو ويو. ان موقعي تي منعقد ڪيل مچ ڪچهري توڙي روح ريحان کي خطاب ڪندي مقررين چيو ته اسانجي ثقافت هزارين سال پراڻي ۽ نرالي ثقافت آهي، جنهن کي ٻيهر نئين سر اجاگر ڪرڻ وارو عمل سٺو آهي، هن وقت سڄي دنيا ۾ سنڌ جي ثقافت اجاگر ٿي چڪي آهي، اسانکي پنهنجي ثقافت تي ناز آهي، مقررين چيو ته پريس ڪلب مڪلي جي باني صدر احمد خشڪ جون خدمتون ۽ محنتون ساراهه جوڳيون آهن، جنهن تڪليفن واري دور ۾ به پنهنجي اداري جو ساٿ نه ڇڏيو جنهن جي محنتن جي نتيجي ۾ پريس ڪلب مڪلي هن وقت عوام جو آواز بڻيل آهي، اسان احمد خان خشڪ کي سنڌس سالگرهه جي موقعي تي مبارڪون ڏيندي سنڌس وڏي ڄمار لاءِ دعاگو آهيون. هنن چيو ته سنڌ هن وقت ڏکئي دور مان گذري پئي، تازو پيل برساتن توڙي ٻوڏ سنڌ ۾ وڏي تباهي مچائي آهي، برسات متاثرين اڃان تائين دربدري واري زندگي گذارڻ تي مجبور بڻيل آهي، ٻئي طرف سنڌ ۾ وڌندڙ ڏارين آبادڪاري، ڪوهستاني زمينن تي ٿيندڙ قبضا توڙي والارن ڪري مقامي رهواسي سخت پريشان آهن. هنن گهر ڪئي ته سنڌ مان ڌارين آبادڪاري کي بنجوڏيئي ڪوهستاني زمينن تي ٿيندڙ قبضا توڙي والارون ختم ڪري برسات متاثرين جي واهر ڪري سنڌ جي بيمارين صحافين جو سرڪاري خرچ تي علاج ڪري سنڌ جي سمورن پريس ڪلب لاءِ خصوصي گرانٽ جو اعلان ڪيو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 27

جاري ڪندي ايم اين اي سيد اياز علي شاهه شيرازي پڇاڻو ڪيو ته هيستائين ڪيترائي ڪم مڪمل ڪيا ويا آهن. ڪيس جاڻ ڏني وڃي، ان موقعي تي حيسڪو چيف محمد خان سوهو شيرازي ڀائرن کي خاطري ڪرائي ته رهيل اسڪيمن تي جلد ڪم شروع ڪرڻ سميت سنڌن جائز مسئلا جلد حل ڪيا ويندا. ان موقعي تي ايم اين اي سيد اياز علي شاهه شيرازي ۽ ايم پي اي سيد رياض حسين شاهه شيرازي چيو ته اسان عوام جا جائز مسئلا حل ڪرڻ چاهيون ٿا. جنهن جا اسان نمائنده آهيون. عوامي مسئلن تي ڪابه سوڌيبازي نه ڪنداسين. هنن گهر ڪئي ته ٺٽو ۽ سجاول ضلعن جي عوام جا جيڪي به حيسڪو سان لاڳاپيل مسئلا آهن. جيڪي فورن حل ڪيا وڃن. ان موقعي تي حيسڪو جي چيف شيرازي ڀائرن کي خاطري ڪرائي ته سنڌن سمورا مسئلا بنا فرق جي حل ڪري عوام کي پريشاني کان بچايو ويندو ان موقعي تي عبدالغني قريشي، غلام نبي ٻبر ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا | سنڌيار | 28

نياڻي فهميده ناهيو گهر کان دڪان تان سامان وٺڻ لاءِ نڪتي ته ڪيس نٽي شهر جي بخاري محلي جي رهواسي يارو حمائتي ۽ منور حمائتي اغوا ڪري ڪٽي ويا آهن. جن خلاف مڪلي ٿاڻي تي اغوا جي رپورٽ درج ڪرائڻ بعد مڪلي پوليس يارو حمائتي کي گرفتار ڪري ٿاڻي تي وٺي اچڻ بعد وڏي رشوت عيوض ڇڏي ڏنو آهي. هنن چيو ته پوليس ڪين رڳو آسرا پئي ڏي پر سنڌس معصوم نياڻي بازياب ٿي ناهي سگهي، جنهن جي جان کي پڻ خطرو آهي، پيرسن محمد ناهيو انڪشاف ڪندي چيو ته يارو حمائتي چوڪرين کي ٻاهرين ملڪن ۾ موڪلڻ جو ڪاروبار ڪري ٿو، ڪين خدشو آهي، ڪٿي سنڌن اغوا ٿي ويل نياڻي فهميده کي به ٻاهرين ملڪن ۾ وڪڻي نه ڇڏين. هنن چيو ته سنڌن ڪير به مدد ڪرڻ وارو ناهي. نياڻي جي اغوا بعد سنڌس امڙ جي به طبيعت خراب ٿي وئي آهي، هنن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ، سيشن جج ٺٽو، ايس ايس پي ٺٽو، چونڊيل نمائندن سميت سمورن وس وارن کان مطالبو ڪيو ته سنڌن اغوا ٿي ويل معصوم نياڻي فهميده ناهيو کي بازياب ڪرائي ان کي اغوا ڪندڙن کي گرفتار ڪري ڪين ڪيفر ڪردار تائين پهچائي ڪين تحفظ مهيا ڪيو وڃي، ٻئي صورت ۾ انصاف نه ملڻ تي انصاف لاءِ عدالت ۾ ويندا سين.

بقايا | سنڌيار | 29

مقابلو ڪٽيندڙ پهلوانن کي فقير سومر راهو انور علي راهو وڏيرو اقبال اوٺو ملل اوٺو غلام نبي ٻگهيو پين اوٺوفقير قطب الدين راهو مير سهراب ڀٽو سيد امير شاهه سڪندر علي مگسي پورو خان زرداري انور علي زرداري سيد مير مقبول شاهه لڪياري نيشنل پريس ڪلب دولت پور جي صدر علي نواز راڄپر رياض حسين ملاح محمد عثمان عباسي جي ايم جوٽيجو رسول بخش انڙ مختيار حسين انڙ پاڪستان پيپلز پارٽي سٽي دولت پور جي صدر حاجي ممتاز ڀٽو بشير احمد ڀٽو محمد ايوب ڏاهري غلام سرور راهو حاجي اصغر راهو اسلم فقير راهو ۽ ٻين نقد انعام ڏنا جڏهن ته ميلي ۾ سنڌ جي مشهور فنڪارن عبدالستار ڪاڪيپوٽو سودو خان لغاري شمع سولنگي صبا ناز نازيا مهڪ ٿوٽو خان انڙ ٻين پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري زبردست داد حاصل ڪيو جڏهن ته آخري ڏينهن تي درگاهه شريف جي گادي ۽ نشين ۽ ميلا ڪاميٽي جي انچارج پورو خان زرداري ملاکڙو انچارج غلام قادر سولنگي انور حسين وسطڙو ۽ ٻين پاران ميلو خير خوبيءَ سان ٿيڻ تي پوليس انتظاميه توڙي علائقي واسين جا ٿورا مڃيا

بقايا | سنڌيار | 30

باوجود ريٽيلر عوام کان پئسا وصول ڪرڻ لڳا شهرين جو جاز ڪمپني جي ڊائريڪٽر ۽ ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي کان فوري طور تي نوٽس وٺڻ جو مطالبو ۽ ان غيرقانوني، غير آئيني ايسوسيئيشن جي عهديدارن خلاف سخت ڪارروائي جو مطالبو تفصيل موجب ڏهرڪي شهر جي موجود سيني جاز ڪيش ريٽيلرز حضرات جي ڏهرڪي جي عوام سان سرعام داداگيري. ڏهرڪي شهر ۾ موبي ڪيش ريٽيلر دوڪاندارن هڪ ريپي کان هزار روپيو اڪائونٽ ۾ جمع ڪرائڻ جي مد ۾ غير قانوني طريقي سان ڏهه روپيا پاڙ ۽ هزار کان پنج هزار جمع ڪرائڻ تي پنجويه روپيا پاڙ. پنج هزار کان اٺ هزار جمع ڪرائڻ جي مد ۾ چاليه روپيا پاڙ، اهڙي ريٽ 40 هزار کان پنجاهه هزار تي اڌائي سو روپيا پاڙ سرعام وصول ڪرڻ لڳا. ضلعي انتظاميا توڙي جو پوليس جا آفيسر ريٽيلر حضرات جي اهڙي عوام سان زيادتي خلاف خاموش. شهرين جو جاز ڪمپني جي ڊائريڪٽر ۽ ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي کان فوري طور تي نوٽس وٺڻ جو مطالبو ٻي صورت ۾ احتجاج جو اعلان ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ شهرين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته سموري پاڪستان ۾ ڪٿي به پئسا جمع ڪرائڻ جي جاز ڪيش پاران مليل اطلاعن موجب ڪا سروس چارجز ناهي پوري پاڪستان ۾ صرف پيسا ڪڍرائڻ وقت چارجز هوندي آهي. عوام سان هن مهنگائي جي دؤر ۾ ظلم آهي هاڻ اهڙو ظلم وڌيڪ برداشت نه ڪيو ويندو

بقايا | سنڌيار | 31

۾ مينارٽي خيرپور جا ووٽر ووٽ جو بائيڪاٽ ڪندا ، مکي هري مل . تفصيل موجب ميونسپل ڪاميٽي خيرپور جي وارڊ 09 محلا ڏهر ۾ هندو برادري جي آخري آرامگاهه مسائن جو رستو 75 سالن ۾ تعمير نه ٿيڻ خلاف ديوان آتمر داس جي فوتي امڙ جو لاش رکي هندو برادري احتجاجي مظاهرو ڪيو . مظاهري جي اڳواڻي مکي هري مل ، دليپ ڪمار ، آتمر داس ، ايڊوڪيٽ ساگر ڪمار ، گوبند رام سري چند ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ، مظاهرين چيو ته پاڪستان جي آزاد ٿيڻ کان اڄ تائين اسان پاڪستان جي حڪومت سان سهڪاري آهيون تڪ جي چونڊيل نمائندن کي ووٽ ڏيون ٿا ۽ چونڊيل نمائندن پاران هميشه اهو راڳ آلاپيو ويندو آهي ته اسان مينارٽي کي سڀ حق ڏنا آهن پر حقيقت اها آهي ته 75 سالن ۾ آواز اٿارڻ باوجود اسان کي مسڻ جو رستو تعمير نٿو ڪري ڏنو وڃي اسان نالين جي گندي پاڻي مان هندن جا لاش کڻي مسائڻ تي اچون ٿا سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهيون پر انتظاميان جي ڪن تي جوون به نٿي چري ، هنن چيو ته اسان خيرپور جي سياسي هائوسن سان لاتعلقي جو اعلان ڪريون ٿا ۽ جيڪڏهن اسان جا مسئلا حل نه ٿيا ته ايندڙ چونڊن ۾ مينارٽي جا ووٽر احتجاجن طور ووٽ ڏيڻ جو بائيڪاٽ ڪندا.

بقايا | سنڌيار | 32

آفيس جو مک دروازي تي ڊرٽو هنيو اسٽيشن روڊ تي گٽرن جو گندو پاڻي تلاءُ جي صورت ۾ بيٺل آهي جنهن سبب ڪاروبار متاثر ٿئي ٿو ميونسپل انتظاميا کي بار بار شڪايت ڪئي آهي تدارڪ نه پيو ڪيو وڃي مجبورن ميونسپل آفيس جو مک دروازو بند ڪري ڊرٽو هنيو آهي پاڻي نيڪال ڪري ڪاروبار متاثر ٿيڻ کان بچايو وڃي مطالبو.

بقايا | سنڌيار | 33

50 / 50 هزار روپيين جي ضمانت منظور ڪري ڇڏي آهي عدالتي احاطي ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيمبر آف ڪامرس جي صدر غلام مصطفٰ ميمڻ ۽ سينئر صحافي مرتضٰ ميمڻ صحافين کي ٻڌايو ته سنڌس پاءِ اياز ميمڻ جي پلاٽ تي قبضو ڪرڻ لاءِ چلگرين حملو ڪري پاءِ اياز کي زخمي ڪيو پر بدين پوليس اسان جو ڪيس داخل ڪرڻ بدران ڪاموري جي ونگار وهندي اسان جي خلاف ڏاڙي جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو آهي هنن چيو ته آءِ جي سنڌ پاران واقعي جي ٿيندڙ انڪوائري تي ڪين اعتماد آهي هنن چيو ته پاءِ اياز تي حملي جو ڪيس اڄ داخل نه ٿيو ته هو عدالت ۾ سوائي خان چلگري ۽ سنڌس پٽن جي خلاف A / 22 تحت ايف آءِ آر داخل ڪرڻ لاءِ سيشن جج بدين جي عدالت ۾ درخواست داخل ڪئي ويندي

بقايا | سنڌيار | 34

لنڊڪي جي ڳوٺ غلام نبي لاشاري جي ڳوٺائن غلام نبي لاشاري آچر لاشاري غلام رسول لاشاري شمن لاشاري علي نواز لاشاري ۽ شاگردن احتجاج ڪندي جيبي ايف ايم 88 نيوز جي رپورٽر کي ٻڌايو ته ڪافي ٽايم کان وٺي اسان جي اسڪول ۾ هڪ استاد مظهر علي ٻهڻ هيو جيڪو بيماري جي وجہ سان گذاري ويو آهي اسان ڪافي دفا ڊي اي او مورو جي آفيس جا چڪر ڪاٽي ٽڪجي پيا آهيون اسان کي استاد نٿو ڏنو وڃي اسڪول سان گڏوگڏ اسڪول جي بلڊنگ به زبون حال ٿي ويي آهي ۽ فرنيچر جي بہ سخت کوٽ آهي اسان جي اسڪول ۾ 150 شاگردن جو تعداد آهي اسان تعليم کاتي جي صوبايي وزير سردار شاهه . ايم پي اي عارف مصطفي جتويي ۽ اعلي اختيارن ۽ وس وارن کان مطالبو ٿا ڪيو ته جلد کان جلد اسان جي اسڪول ۾ استاد ڏنو وڃي ۽ فرنيچر ۽ بلڊنگ ڏني وڃي اسان جي ٻچن جو مستقبل بچايو وڃي نت ٻي صورت ۾ احتجاج جو دايرو وڌايو ويندو

بقايا | سنڌيار | 35

اڳواڻن پاران سخت احتجاج خبر موجب مٺياڻي روڊ ۽ نوشهروفيروز جي مختلف چوڪن روڊ رستن تي گندي پاڻي خلاف ايس ٽي پي تعلقه اڳواڻ اسد چانڊيو جاويد سيال پ پ شهيد ڀٽو بشارت ڪوسو وسيم ڏنگراج جي دي اي معشوق ڪورائي ۽ ٻين پاران مٺياڻي روڊ کان ڊي سي آفيس جي مين گيٽ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ضلعي انتظاميان خلاف سخت نعري بازي ڪئي وئي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چئيو ته شهر اندر مختلف مين روڊ رستن ۽ چوڪن گليين ۾ گندي پاڻي جا تلاءُ گند ڪچري جا ڍير لڳل آهن جيستائين نااهل ضلعي انتظاميان سموري شهر اندر جي صفائي نه ڪرائيندا اسان جو احتجاج جاري رهندو

❊❊❊

حڪومت سنڌ
ڊائريڪٽوريٽ آف اسڪول ايجوڪيشن
(ايليمينٽري سيڪنڊري اينڊ هائير سيڪنڊري)
سکر ريجن سکر

Ph. No. 071-9310954 Email: dsesecondarysukkur@yahoo.com
No. DSE(ES&HS)/DEV/1191/2022 Sukkur, Dated:12-12-2022

درستگي

ميٽيريل/سامان جي خريداري جي سلسلي ۾ مختلف اخبارن ۾ ريفرنس نمبر INF/KRY_4362/22 ۽ ايس پي پي آر اي ويب سائيٽ/پي پي ايم ايس تي آءِ ڊي نمبر 0001_22_101967 هيٺ 2022_11_30 تي شايع ٿيل هن ڊائريڪٽوريٽ جي اين آءِ ٽي جي سلسلي ۾ ، فرنيچر جي ٽيڪنيڪي تفصيلن کي هيٺ ڏنل شيڊيول جيڪو ايس پي پي آر اي جي ويب سائيٽ تان پڻ ڊائونلوڊ ڪري سگهجي ٿو سان جزوي طور تي تبديل ڪيو ويو آهي.

اڄ دستاويزن جي جاري ڪرڻ جي تاريخ ۽ وقت	2022-12-30 تي شام جو 04:00 وڳي تائين
آڇون جمع ڪرڻ جي تاريخ ۽ وقت	2023_01_02 تي منجهند جو 02:30 وڳي
ٽيڪنيڪل آڇون کولڻ جي تاريخ ۽ وقت	2023_01_02 تي منجهند جو 03:00 وڳي

ڊائريڪٽر اسڪول ايجوڪيشن
(ايليمينٽري، سيڪنڊري اينڊ هائير سيڪنڊري)
سکر ريجن سکر

INF/KRY No: 4654/22

SAY NO TO CORRUPTION | WEAR MASK-SAVE LIFE

پڙهندي سنڌ ته .... وڌندي سنڌ